

سردارِ نوجوانانِ جنّت حضرت امام حسين رضي الله تعالیٰ عنه جي شهادت جي متعلق معتبر روايتن تي مشتمل تحرير

(سنڌي)

# آئينه قِيامت

مصنّف : حضرت علامه مولانا حسن رضا خان رحمة الله تعالیٰ عليه (برادرِ اعلیٰ حضرت رحمة الله تعالیٰ عليه )



فضائل امام حسن و حسين رضي الله تعالیٰ عنهما

ڏهين محرم الحرام ۽ خاندانِ نبوت

الله عزوجل جا حقيقي دوست

شهادت کان پوءِ جا واقعات

ميدان ڪربلا ۾ آمد

عاشوراء جا فضائل

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءُ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفکربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



13 شوال المکرم 1428هه

رسالي جو نالو: آئينهٔ قيامت
مصنف حضرت علاما مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه
ڇاپو پهريون: محرم الحرام، 1440 هه آگسٽ 2018
تعداد:

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# آئينه قِيامت

هي رسالو ”**آئينهٔ قِيامت**“ دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينة العلمية جو اردو زبان ۾ تحريري رسالو آهي.

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي .جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش:** مجلسِ المدينة العلمية

**ترجمو:** مجلسِ تراجم

**رابطي جي لاءِ:**

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز
فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# يادداشت

مطالعي جي دؤران ضرورت وقت انڊر لائن ڪري، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي-

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب کي پڑھڻ جون 23 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمد و ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعَوُّذ و ﴿4﴾ تَسمِّيہ سان شروعات ڪندس . (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڑھڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اول کان آخر تائين مطالعو ڪندس ﴿6﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ ﴿7﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿8﴾ قرآني آيتن ۽ ﴿9﴾ احاديثِ مبارڪہ جي زيارت ڪندس ﴿10﴾ جتي جتي "الله" جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿11﴾ جتي جتي "سرڪارِ مدينہ" جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڑھندس ﴿12﴾ شرعي مسئلا سکندس ﴿13﴾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ عالمن کان پڇا ڪندس ﴿14﴾ حضرت سُفيان بن عُيَينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي انهي قول عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي. (حلية الاولياء حديث 10750، ج 7 ص 335) تي عمل ڪندي صالحين جي ذڪر جون برڪتون ماڻيندس ﴿15﴾

(پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ضرورت موجب خاص خاص جاين ڪي اندر لائين ڪندس. ﴿16﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ”يادداشت“ واري صفحي تي ضروري نڪتا لکندس. ﴿17﴾ ڪتاب مڪمل پڙهڻ جي لاءِ علمِّ دين حاصل ڪرڻ جي نيّت سان روزانو ڪجھ صفحا پڙهي علمِّ دين حاصل ڪرڻ جي ثواب جو حقدار ٿيندس ﴿18﴾ ٻين ڪي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿19﴾ هن حديث پاڪ تَهَادَوْا تَحَآبُّوْا يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي.“ (مؤطا اِمَام مَالِڪ، ج2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿20﴾ جنهن کي ڏيندس حَتّي الاِمڪَان ان کي اهو هدف بہ ڏيندس تہ اوهان ايترن ڏينهن (مثلاً 25 ڏينهن جي اندر پڙهندا ﴿21﴾ جيڪي نہ ٿا ڄاڻن انهن کي سيکاريندس ﴿22﴾ هن ڪتاب جي مطالعي جو ثواب سموري اُمت کي اِيصال ڪندس ﴿23﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهہ ڪندس.

(ناشرين ۽ مُصَنِّفن وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻُڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اَلمَدينةُ العِلمِيّة

از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَلٰی اِحۡسَانِهٖ وَ بِفَضۡلِ رَسُوۡلِهٖ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجلسن جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس ”**المدينة العلمية**“ بہ آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن ڪَثَّرَهُمُ اللّٰہ تَعَالٰی تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) شعبہ ڪُتُبِ اعلي حضرت
(2) شعبہ درسي ڪُتُب
(3) شعبہ اِصلاحي ڪُتُب
(4) شعبہ تفتيش ڪُتُب
(5) شعبہ تَخرِيج
(6) شعبہ تراجمِ ڪُتُب

”**المدينة العلمية**“ جي اولين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہ شمع رسالت، مجدد دين ۽ ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير ۽ برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق وس آهر آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻي آهي، تمام

اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ بہ مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي بہ انهن جي ترغيب ڏيارين.

الله عَزَّوَجَلَّ "دعوتِ اسلامي" جي سڀني مجلسن گڏوگڏ "المدينة العلمية" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# پيش لفظ

هن زمين تي بلا شبہ ڪروڙين انسانن جنم ورتو ۽ بالآخر موت انهن کي پنهنجي آغوش ۾ وٺي ڪري انهن جو نالو ۽ نشان بہ متائي ڇڏيو پر جنهن دينِ اسلام جي بقا ۽ سر بلندي جي لاءِ پنهنجي جان، مال ۽ اولاد جي قرباني ڏني ۽ جن جا دلي جذبات اسلام جي نالي تي مرڻ مٿڻ جي لاءِ هر وقت تيار هئا تاريخ جي ورقن تي انهن جا واقعا سونهري اکرن سان لکيل آهن. انهن اڪابرين جي ڪارنامن جو جڏهن ذڪر ڪيو ويندو آهي دلين تي رقت جي ڪيفيت طاري تي ويندي آهي. انهن جا ڏکائيندڙ واقعا اڄ بہ اسان جي لاءِ مشعلِ راهہ آهن  خاص طور تي ڪربلا جو واقعو نهايت رقت ۽ سوز سان گڏ ايثار ۽ قرباني جي جذبي کي اڀاريندو آهي. حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ ۽ سندن جا ساٿي عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جنهن شان سان پنهنجي جانن جو نذرانو پيش ڪيو، تاريخ اهڙو مثال بيان ڪرڻ کان قاصر آهي. انهن نفوس قدسيہ پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائي ڇڏيو پر باطل جي اڳيان سر نہ جهڪايو. جان ڏيڻ پسند فرمايائون پر اسلام جي سر بلندي  تي آڱر بہ ڪٽڻ نہ ڏني.

گھر لٹانا جان دینا کوئی تجھ سے سیکھ جائے ۔۔۔ جانِ عالم ہو فدا اے خاندانِ اہل بیت

ماهِ محرم الحرام جڏهن بہ تشريف ڪٽي ايندو آهي، ڪربلا وارن جي ياد تازا تي ويندي آهي، شهداءِ ڪربلا خاص طور نواسہ رسول ،جگر گوشہ بتول امام عالي مقام ،حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي بارگاهہ ۾ ايثالِ ثواب جي لاءِ جڳهہ جڳهہ تي محفلون قائم ڪيون وينديون آهن جنهن ۾ مقرر، واعظين (بيان ڪندڙ) پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڪربلا جي ڏکوئيندڙ واقعات بيان ڪري نہ صرف انهن سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندا بلڪ انهن جي نقشي قدم تي هلندي اسلام جي سر بلندي جي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جوجذبو اڀاريندا آهن، جيتوڻيڪ ان واقعي جي متعلق محررين (لکندڙن) ۽ علماءِ ڪرام گوڙ ڪتابون لکيون آهن جن مان گهڻيون ڪتابون مشهور ٿيون پر آئينہ قيامت جي ڳالهہ ئي الڳ آهي هي

شهنشاه سخن استاد زمن اعليٰ حضرت جي ڀاءُ حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تصنيف آهي ۽ ان جي باري ۾ شهزاده اعليٰ حضرت تاجدارِ اهلسنت امام الفقهاء حضور مفتي اعظم هند ابو البرکات محمد مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه الفتاوي المصطفويہ ۾ تحرير فرمائن ٿا.

آئينہ قيامت تصنيف منهنجي چاچا جان جناب استادِ زمن مولانا حسن رضا خان صاحب حسن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، هي ڪتاب اعليٰ حضرت قدس سره جي ذڪر ۾ مجلسن ۾ ڪيترا ئي ڀيرا پڙهيو ويو آهي. (الفتاويٰ المصطفويه ص 463)

جڏهن اعلي حضرت عظيم المرتبت مولانا امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان جڏهن ذڪر شهادت جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ پاڻ جوابن فرمايائون مولانا شاه عبد العزيز جي ڪتاب (1) جيڪا عربي ۾ آهي اها يا حسن ميان مرحوم منهنجي ڀاءُ جي ڪتاب، آئينہ قيامت، ۾ صحيح روايتون آهن ان کي پڙهڻ کپي، باقي غلط روايات کي پڙهڻ کان نہ پڙهڻ ۽ نہ ٻڌڻ بهتر آهي. (ملفوظات اعلي حضرت حصه دوم ص 293)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مجلس المدينة العلميہ، اڪابرن ۽ بزرگان اهلسنت جي قيمتي ڪتابن کي ڪوشش ڪري نئين انداز ۾ شايع ڪرڻ جو پڪو ارادو رکي ٿي جنهن جي تحت ڪيئي ڪتاب منظر عام تي اچي چڪا آهن انهن ۾ "آئينہ قيامت" بہ شامل آهي جيڪا محرم الحرام 1429ھ بمطابق 2007 جنوري ۾ شايع ٿي جنهن ۾ تقابل ڪرڻ ۾ ڪجھ غلطيون، غلطي سان رهجي ويون هيون ان جي ڪري هينئر ٻيهر تقابل ۽ جتي ڪمي محسوس ٿي ان کي دور ڪندي بهتر انداز ۾ شايع ڪئي پئي وڃي وڌيڪ هي تہ تخريج جي دوران ڪجھ جڳهن تي اعلام ۾ جيڪو اختلاف سامهون آيو ان جي تصحيح ۽ وضاحت بہ ڪئي وئي آهي. ڪتاب تي المدينة العلميہ جي ڪم جي تفصيل هيٺ ذڪر آهي

آئينہ قيامت جا متعدد نسخا پيش نظر رکيا ويا جن ۾ رضوي ڪتب خانو بريلي شريف کان شايع ڪيل هڪ پراڻو نسخو بہ شامل آهي انهيءَ کان ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ جو تقابل ڪيو ويو وڌيڪ ٻين نسخن مان بہ فائدو

ورتو ويو آهي. مصنف جي قائم ڪيل عنوانن جي علاوه مضمون جي مناسبت سان وڏيڪ عنوان headings بہ علميہ جي طرفان قائم ڪيا ويا آهن انهن کي بين القوسين هن انداز ۾ (ميدانِ ڪربلا ۾ آمد) لکيو ويو آهي. احاديث ۽ روايات وغيره جي وس آهر تخريج ڪئي وئي آهي ڪنزالايمان جي شوق رکڻ وارن جي لاءِ حاشيي ۾ آيتن جو ترجمو ڪنزالايمان مان لکيو ويو آهي مصنف ۽ علميہ جي حاشيي کي الڳ ڪرڻ لاءِ علميہ جي حاشيي جي اڳيان "علميہ" لکيو ويو آهي. تخريج جي دوران جن مقامن ۾ اختلاف هو ڪتابت جي غلطي تي محمول ڪندي ان جي تصحيح ڪئي وئي آهي تفصيل هن طرح آهي. متن ۾ سليمان بن مرو جزخزاعي هو ان جي جاءِ تي سليمان بن صرد خزاعي لکيو آهي انهيءَ طرح منجز جي جاءِ تي بلنجر ،ڪوهِ ذوحشم جي جاءِ تي،ڪوهِ ذو حسم،طراح بن عدي جي جاءِ تي طرماح بن عدي، عبدالله بن ابي المحلي بن خزام جي جاءِ تي، عبد الله بن ابي المحل بن حزام، زياده جو غلام يسار جي جاءِ تي ، زياد جو غلام يسار، مشروق بن وائل جي جاءِ تي، مسروق بن وائل، ۽ مزاحم بن حرث جي جاءِ تي مزاحم بن حريث لکيو آهي، ان کان علاوه آخري صفحن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي مايہ ناز تحرير فيضانِ سنت جلد اوّل مان فضائل عاشوره بہ شامل ڪيا ويا آهن، ۽ ڪتاب جي آخر ۾ ماخذ ۽ مراجع جي فهرست بہ ڏني وئي آهي ان سيني ڪمن کي ممڪن بڻائڻ جي لاءِ "مجلس المدينة العلمية" جي مدني علماء دامت فُيوضُهم جن وڏي محنت ۽ ڪوشش سان ڪم ڪيو ۽ وس آهر هن ڪتاب کي سهڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، الله تعالي انهن کي جزائي خير عطا فرمائي ۽ اخلاص ۽ استقامت سان دين جي خدمت جي توفيق ڏي ۽ دعوت اسلامي جي مجلس" المدينة العلمية" جي بين مجلسن کي ڏينهن يارهين رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**شعبہ تخريج مجلس المدينة العلميہ**

# فهرست


كتاب كي پڙهڻ جون 23 نيّتون ........ iv

**اَلمَدينةُ العِلمِيّة** ........ vi

پيش لفظ ........ viii

**آئينہ قِيامت** ........ 1

﴿حبيب خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ فضل شهادت جي حاضري﴾ ........ 1

﴿فضائل امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا﴾ ........ 1

﴿محبوبانِ بارگاھ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ قانونِ قدرت﴾ ........ 3

﴿سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خاندانِ سرڪار جو فقرِ اختياري﴾ ........ 3

الله عَزَّوَجَلَّ جا حقيقي دوست ........ 7

يزيد پليت جي تخت نشيني ۽ قيامت جو سامان ........ 8

امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت ۽ ڀاءُ کي نصيحت ........ 8

﴿امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت جي خبر ڪربلا جي واقعي کان پهريون ئي مشهور هئي﴾ ........ 9

امام مظلوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مدينو ڇڏجي ٿو ........ 11

ڪوفين جي شرارت ۽ امام مسلم جي شهادت ........ 17

ابن زياد جي طرف کان ناڪا بندي ........ 24

زهير بن قين بجلي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي معيت ........ 25

امام مسلم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت جي خبر ........ 26

حضرت حُر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي آمد ........ 27

﴿ڪوفين جي بي وفائي ۽ قيس بن مسهر جي شهادت جي خبر﴾ ........ 29

﴿امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو خواب ڏسڻ﴾ ........ 30

﴿ابن زياد جي طرف کان امام عرشِ مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي سختي جو حڪم﴾ ........ 31

﴿نواسئہ رسول جي رات ۾ روانگي﴾ ........ 31

﴿ميدانِ ڪربلا ۾ آمد﴾ ........ 32

امام مظلوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي پاڻي بند ٿيڻ ........ 33

ابن سعد جو ابن زياد ڏي خط ۽ شمر جو امام جي خلاف ورغلائڻ ........... 33
﴿شمر جو ابن سعد وٽ اچڻ﴾ ........................................................ 35
﴿خواب ۾ جدِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تشريف آوري﴾ ............ 35
﴿امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي لشڪر سان مقابلي جي تياري﴾ ........ 36
هاڻي قيامت قائم ٿئي ٿي ...................................................... 38
ڏهه محرم الحرام ۽ خاندانِ رسالت تي ظلم ۽ ستم جو آغاز ................ 41
حضرت حُر جي امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان معذرت ........................ 45
مقابلي جو باقاعدي آغاز ...................................................... 46
چمنِ رسالت جي نوراني گلن جي شهادت جي ابتدا.......................... 54
امام عالي مقام شهيد ٿين ٿا .................................................. 56
تاريخ جو پٽيون حصو ۽ امام تشنه ڪام جي شهادت ........................ 60
شهادت کان پوءِ جا واقعات ................................................... 66
﴿سرِ انور جي ڪرامت﴾ ......................................................... 69
﴿وڌيڪ واقعا﴾ ................................................................ 70
﴿پوءِ جا واقعا﴾ ................................................................ 71
﴿امام حسين جي قتل ۾ شريڪ بد بختن جو عبرتناڪ انجام﴾.......... 71
عاشوراء جا فضائل ............................................................ 74
عاشوراء جون 25 خصوصيتون.................................................. 74
”يا حسين“ جي ڇهن حرفن جي نسبت سان محرم الحرام ۾
عاشوراء جي روزن جا 6 فضائل ............................................... 75
يوم موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ............................................................ 75
عيد ميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ دعوت اسلامي ..................... 76
عاشوراء جو روزو .............................................................. 77
يهودين جي مخالَفَت ڪيو ..................................................... 77
سڄو سال نه اکيون اٿن نه بيمار ٿيو ........................................ 77

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# آئينہ قيامت

## حبيب خدا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاہ ۾ فضل شهادت جي حاضري

اسان جي حضور پر نور سرورِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ تمام ڪمالات ۽ صفات جو مجمعِ خُلق فرمايو. حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙا اوصافِ حميده ۽ خصائلِ پسنديده ڪنهن فرشتي، ڪنهن بشر، ڪنهن رسول، ڪنهن پيغمبر ۾ ممڪن ناهن. ظاهري نظر سان، صرف شهادت جو فضل، ان جي عرش مثل بلند بارگاهہ جي حاضريءَ کان محروم رهيو. ان جي متعلق علماءِ ڪرام جو خيال آهي ۽ ڪيترو پاڪيزه خيال آهي تہ جنگِ اُحد شريف ۾ ان سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏند مبارڪ شهيد ٿيڻ سيني شهيدن جي شهادت کان افضل آهي. ۽ جنهن وقت حضور پرنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تعلقِ خاطر (يعني دلي تعلق) شهزادن سان گڏ خيال ۾ ايندو آهي تہ ان حڪم جي اظهار ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ناهي رهندو تہ انهن بزرگن جي شهادت حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي شهادت آهي ۽ انهن نائب طور ان شرف کي سرسبزي ۽ سرخروئي عطا فرمائي.

## فضائل امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا

هڪ ڀيري حضرت اِمام حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي ڪري حضور پرنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڪُلهي تي سوار ٿي ويا، هڪ صاحب عرض ڪيو. صاحبزاده! توهان جي سواري ڪيڏي ڀلي سواري آهي. حضورِ اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”۽ سوار ڪهڙو تہ ڀلو سوار آهي“. (سنن الترمذي، ج 5، ص 432، حديث. 3809)

حضور پرنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي ۾ هئا تہ امامِ حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مبارڪ پٺيءَ سان چنبڙي ويا، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سجدي کي

ڏکهو کيو تہ متو کٽڻ سان کٽي کري نہ پون. (مسند ابي يعلي، مسند انس بن مالک ج 3، ص 21، حديث. 3415)

امامِ حسن ۽ امامِ حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي نسبت ارشاد فرمايائون: ”اسان جا هي ٻئي پٽ جنّت جي جوانن جا سردار آهن.“ (سنن الترمذي، کتاب المناقب، باب مناقب ابي محمد الحسن ج. 5، ص. 426، حديث. 3793)

۽ فرمايائون: ”انهن جو دوست اسان جو دوست،انهن جو دشمن اسان جو دشمن آهي.“ (سنن ابن ماجه،کتاب السنت باب فضل الحسن والحسين ج. 1، ص. 96، حديث. 143)

۽ فرمائن ٿا: ”هي ٻئي عرش جون تلوارون آهن.“

۽ فرمائن ٿا: ”حسين مون مان آهي ۽ مان حسين مان آهيان، الله دوست رکي ان کي جيکو حسين کي دوست رکي، حسين سبط آهي اسباط کان“ (سنن الترمذي،کتاب المناقب باب مناقب ابي محمد الحسن ج. 5، ص. 429، حديث. 3800)

هک ڏينهن حضور پرنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ساڄي جنگهہ تي امامِ حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کاٻي تي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا صاحبزادا حضرت ابراهيم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ويٺا هئا، حضرت جبريل عَلَیْہِ السَّلَام حاضر ٿي کري عرض کيو تہ ”انهن ٻنهي کي الله تعاليٰ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ نہ رکندو کنهن هک کي اختيار فرمايو. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن امامِ حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي جدائي گوارا نہ فرمائي“ ٽي ڏينهن کان پوءِ حضرت ابراهيم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو انتقال ٿي ويو. ان واقعي کان پوءِ جڏهن حاضر ٿيندا، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کين چمندا ۽ فرمائيندا: ”مَرْحَبًا بِمَنْ فَدَیْتُہُ بِابْنِیْ“ اهڙي کي مرحبا جنهن تي مون پنهنجو پُٽ قربان کيو.
(تاريخ بغداد، ج. 2، ص. 200، بلفظ، فديت من)

۽ فرمائن ٿا: ”هي ٻئي منهنجا پٽ ۽ منهنجي ڌيءُ جا پٽ آهن، الٰهي! مان انهن کي دوست رکان ٿو تون بہ انهن کي دوست رک ۽ ان کي دوست رک جيکو انهن کي دوست رکي.“

(سنن الترمذي، کتاب المناقب باب مناقب ابي محمد الحسن ج. 5، ص. 427، حديث. 3794)

بي بي فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي فرمائيندا هئا: ”منهنجي ٻنهي پُٽن کي آڻيو پوءِ ٻنهي کي سنگهندا ۽ مبارڪ سيني سان لڳائيندا ها. (سنن الترمذي، ڪتاب المناقب باب مناقب ابي محمد الحسن ج. 5، ص. 428، حديث. 3797)

## ﴿محبوبانِ بارگاهِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ قانونِ قدرت﴾

جڏهن حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي ارشاد ۽ شهزادن سان اهڙي شفقت جا واقعا ۽فضائل ياد اچن ٿا ۽ شهادت جي واقعات تي نظر پوي ٿي ته حسرت وچان اکين مان گوڙها نه بلڪ رت جا ڦڙا ٽپڪن ٿا ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي جو عالم اکين جي سامهون ڇائنجي ويندو آهي، هي مقدس هستيون خدا عَزَّوَجَلَّ جون دوست آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عادتِ ڪريم آهي ته دنياوي زندگي ۾ پنهنجي دوستن کي آزمائش ۾ رکندو آهي.

هڪ صاحب عرض ڪيو ته ”مان حضور سان محبت ڪندو آهيان. فرمايائون: ”فقر جي لاءِ تيار ٿي وڃ“ عرض ڪيائين: ”الله تعالٰي کي دوست رکان ٿو.“ ارشاد ٿيو: ”مصيبتن جي لاءِ آماده ٿي وڃ. ۽ فرمائن ٿا: ”سخت ترين بلا (آزمائش) انبياء عَلَيْهِمِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي آهي پوءِ جيڪي بهتر آهن پوءِ جيڪي بهتر آهن“ (المسند للامام احمد، ج. 10، ص. 306، حديث. 27147)

نزديکاں را بيش بود حيراني[1]
جن کے رتبے ہیں سوا ان کو سوا مشکل ہے

## ﴿سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خاندانِ سرڪار جو فقرِ اختياري﴾

اسان جي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خدا عَزَّوَجَلَّ اشرف ترين مخلوق بڻايو ۽ خاص محبوبيت جو انعام عطا فرمايو. انهيءَ سبب کان دنيا جون جيڪي مصيبتون سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنئيون ۽ جيڪي مصيبتون پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن برداشت ڪيون ڪنهن کان ان جو تحمل ممڪن ناهي. الله الله! محبوبيت جون ته اهي ادائون جو فرمايو ويندو

---

[1] مقربين کي حيرانگي گهڻي ٿيندي آهي

آهي. 'لَوۡ لَاكَ لَمَا خَلَقۡتُ الدُّنۡيَا اي محبوب'[1] ! جيڪڏهن مان تو کي پيدا نہ ڪيان ها تہ دنيا کي ئي نہ ناهيان ها. (فردوس الاخبار، ج. 2، ص. 458، حديث. 8095،بلفظ ما خلقت)

علوِمرتبت جون اهي ڪيفيتون جو پنهنجي خزاني جون ڪنجيون ڏئي سڄي جهان جو مختار بڻائي ڇڏيو جو جيڪو چاهيو ڪيو، ڪاري ۽ اڇي جو توکي اختيار آهي.

اهڙا بادشاهہ جن جي مقدس مٿي تي ٻنهي عالَم جي حڪومت جو چمڪندڙ تاج رکيو ويو، اهڙي رِفعت پناهہ جن جي مبارڪ پيرن جي هيٺ تختِ الٰهي وڇايو ويو، سلاطينِ عالم شاهي لنگر جا فقير، شاهانِ معظم سلطاني خانقاهہ جا محتاج، ، دنيا جون نعمتون ورهائڻ وارا، زماني جون دولتون ڏيڻ وارا، فقيرن جون جهوليون ڀرِن، دل گهريون مرادون پوريون ڪن. هاڻي ڪاشانہء اقدس ۽ دولت سراءِ مقدس جي طرف نگاهہ وجي ٿي تہ الله تعالٰي جو شان نظر ايندو آهي. اهڙي جليل القدر بادشاهہ جنهن جي قاهر حڪومت مشرق ۽ مغرب کي گهيري ڇڏيو ۽ جنهن جو چرچو ستن آسمانن ۽ سڄي زمين تي وڃي رهيو آهي، ان جي معزز گهر ۾ آسائش جي ڪا شيء ناهي، آرام جا اسباب تہ پري جي ڳالهہ، خشڪ ڪجورون ۽ جوَ جي بغير ڇڻيل اٽي جي ماني بہ سڄي عمر پيٽ ڀري نہ ڪاڌائون.

کل جہاں ملکِ اور جَو کی روٹی غذا اس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام

شاهي لباس ڏسو تہ سترهن سترهن پيوندَ (چتيون) لڳل آهن، اهي بہ هڪڙي ڪپڙي جا نہ، ٻن ٻن مهينن تائين سلطاني باورچي خاني جو

[1] ٻين احاديث قدسي ۾ پنهنجي حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۾ هيئن فرمايو ويو آهي.

(الف) 'لَوۡ لَاكَ لَمَا خَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاكَ' يعني اي حبيب جيڪڏهن تو کي پيدا ڪرڻ مقصود نہ هجي ها تہ مان آسمانن کي بہ پيدا نہ ڪيان ها.

(ب) 'لَوۡ لَاكَ لَمَا اَظۡهَرۡتُ الرَّبُوۡبِيَّةَ' اي محبوب جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ مان پنهنجي رب هجڻ کي ظاهر نہ ڪيان ها.

دونھون ناھي ڏکندو. دنياوي عيش ۽ عشرت جي تہ اھا ڪيفيت آھي، ديني وجاھت ڏسو تہ ان ڪمليءَ (چادر) واري تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شوڪت ۽ ان سادگي پسند جي وجاھت سان ٻئي عالَم گونججي رھيا آھن.

مالکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں　　دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

ھتي ھي ڳالھ بہ بيان ڪرڻ جي قابل آھي تہ ھي تڪليفون، ھي مصيبتون صرف پنھنجي خوشيءَ سان ڪنئيون ويون، ان ۾ مجبوريءَ کي ھر گز ڪوبہ دخل ناھي.

ھڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خير خواھ ۽سندن جي مرضي چاھيندڙ دوست جل جلالہ پيغام موڪليو تہ توھان چئو تہ مڪہ مڪرمہ جي ٻن ڀھاڙن کي (جن کي اخشبين چوندا آھن) سون جو ٻڻائي ڇڏيان جو اُھي تو سان گڏ رھن، عرض ڪيو: ”اھو چاھيان ٿو تہ ھڪ ڏينھن ڏي تہ شڪر ڪريان، ھڪ ڏينھن بکيو رک تہ صبر ڪيان. (سنن الترمذي،ڪتاب الزھد باب ما جاءِ في الڪفاف ج. 4، ص. 155، حديث. 2354)

مسلمانو! الله تعالي اسان جي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نفس مطمئنہ عطا فرمايو آھي. جيڪڏھن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عيش ۽ عشرت ۾ گذارين ھا ۽ آسائش ۽ راحت محبوب رکن ھا، تہ اوھان جو رب عَزَّوَجَلَّ اوھان جي خوشيءَ تي خوش ٿيڻ وارو دنيا ۾ جنتن کي لاھي رکي ڇڏي ھا ۽ اھو عيش وارو سامان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪ ۽ پاڪ نفس ۾ھرگز تغير پيدا نہ ڪري سگھي ھا، اھڙي حالت ۾ ھيءَ تڪليفن کي پسند ڪرڻ ۽ مصيبتن سان دوستي رکڻ انھيءَ بنياد تي تي سگھي ٿي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رحمة للعالمين ھئا، دنيا جي ھرشيءِ جي حق ۾ رحمت ٿي ڪري آيا جيڪڏھن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عيش ۽ عشرت ۾ مشغول ھجن ھا تہ ”تڪليف ۽ مصيبت“ان جي نتيجي ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

غلامن کي بہ نہ پهچن ها (۽ اهڙي طرح تڪليف۽مصيبت حاضري جي) برڪتن کان محروم رهجي وڃن ها.

هڪ ڀيري حضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمانن کي ٻانهيون ۽ غلام تقسيم فرمائي رهيا هئا تہ حضرت علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن حضرت بيبي فاطمہ زهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي چيو ”وڃ ! تون بہ پنهنجي لاءِ ڪا ٻانهي وٺي اچ.“ حاضر ٿيون ۽ هٿ ڏيکاري ڪري عرض ڪرڻ لڳيون تہ ”چڪيون هلائي هلائي هٿن ۾ ڇالا پئجي ويا آهن هڪ ڪنيز مونکي بہ عنايت فرمايو.“ ارشاد ٿيو: ”اي فاطمہ! مان توکي اهڙي شيءِ ٻڌايان ٿو جيڪا ٻانهي ۽ غلام کان وڌيڪ ڪم ڏي، توهان رات جو سمهڻ وقت سبحٰن الله 33 ڀيرا، الحمد لله 33 ڀيرا، الله اڪبر 34 ڀيرا پڙهي ڪري سمهنديون ڪريو. (سنن الترمذي ڪتاب الدعوات،باب ما جاء في التسبيح ج. 5، ص. 260، حديث. 3419)

هڪ ڀيري حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي گهر مبارڪ ۾ تشريف ڪٺي ويا، دروازي تائين رونق افروز ٿيا هئا تہ فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي هٿن ۾ چانديءَ جي هڪ چوڙي ڏٺائون، واپس تشريف ڪٺي آيا، حضرتِ بتول رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن اهي چوڙيون حاضر ڪري ڇڏيون تہ انهن کي صدقو ڪري ڇڏيو، مسڪينن کي عطا ڪيون ويون ۽ بہ چوڙيون عاج (يعني هاٿي جي ڏندن جون) مرحمت ٿيون ۽ ارشاد ٿيو: ”فاطمہ! دنيا، محمد ۽ آل محمد جي لائق ناهي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَسَلَّم.

حضرت سيدنا عمر فاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حاضر ٿيا، ڏٺائون تہ کجيءَ جي تڏي تي آرام فرمائي رهيا آهن ۽ ان نازڪ جسم ۽ مبارڪ بدن تي نشان ٻڌجي ويا آهن. اها حالت ڏسي ڪري بي اختيار روئڻ لڳا ۽ عرض ڪيائون تہ ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيصر ۽ ڪسريٰ، خدا جا دشمن، ناز ۽ نعمت ۾ گذارين ۽ خدا جو محبوب تڪليف ۽ مصيبت ۾!“ ارشاد ٿيو: ”ڇا تون ان ڳالھ تي راضي نہ آهين جو انهن کي دنيا جا عيش ملن ۽ تون عقبيٰ يعني آخرت جون خوبيون ماڻين.“ (صحيح البخاري، ڪتاب التفسير، ج. 3، ص. 360، حديث 4913)

## الله عَزَّوَجَلَّ جا حقيقي دوست

حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي الهام جي ذريعي ٻڌايو ويو تہ ”اي سري! مون مخلوق پيدا فرمائي کري ان کان پڇيو: ”ڇا توهان مون کي دوست رکو ٿا؟“ سيني متفق ٿي کري عرض کريو تہ ”توکان سواءِ ٻيو کير آهي جنهن کي اسان دوست رکنداسين؟“ پوءِ مون دنيا پيدا ڪئي تہ نوَ حصا ان جي طرف ٿي ويا، هڪ حصي چيو: ”اسان هن(دنيا) جي کري توکان الڳ کونہ ٿينداسين“ پوءِ آخرت پيدا ڪئي، ان هڪ حصي مان نو حصا ان جا خريدار ٿي ويا، ۽ ٻين عرض کيو تہ: ”اسان دنيا جا سائل نہ ئي آخرت تي مائل اسان تہ تنهنجا چاهڻ وارا آهيون.“ پوءِ مصيبتون پيش کيون تہ ان مان نو حصا گهٻرائجي پريشان ٿي ويا، هڪ حصي عرض کيو تہ: ”تون زمين ۽ آسمان جي چوڏهن طبقن کي مصيبت جو هڪ طوق ناهي کري اسان جي ڳلي ۾ وجهي ڇڏ، پر پوءِ بہ اسان توکان منهن ڦيرڻ وارا ناهيون.“ انهن جي باري ۾ارشاد ٿيو ”اُولٰٓئِكَ اَوۡلِيَائی حَقًّا“ هي منهنجا سچا دوست آهن.

هاڻي اهلبيتِ کرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم جو مصيبت کي پسند کرڻ اکين سان ڏسڻ جي قابل آهي. حضرتِ ابوذر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان بلا (يعني مصيبت) ۽ نعمت جي باري ۾ سوال ٿيو، فرمايائون: اسان جي ويجهو ٻئي برابر آهن.

انچہ[1] از دوست می رسد نیکوست

امام حسن (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) کي خبر پئي، پاڻ ارشاد فرمايائون:

”الله ابو ذر (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) تي رحم کري پر اسان اهلبيت جي نزديک بلا (مصيبت) نعمت کان بہ افضل آهي ڇو تہ نعمت ۾ نفس کي بہ مزو ايندو آهي ۽ مصيبت ۾ صرف دوست جي رضا هوندي آهي.“

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَمَوۡلَانَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحۡبِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ

[1] دوست کان جيکو کجھ پهنچي سٺو هوندو آهي.

## يزيد پليت جي تخت نشيني ۽ قيامت جو سامان

هجرت جا سٺ سال ۽ رجب جو مهينو ڪجهه اهڙو تہ دل ڏڪائيندڙ سامان ڪٺي آيو، جنهن جو نظارو اسلامي دنيا جي اکين کي مجبورن ان جي طرف ڇڪي ٿو، جتي جگر ايذائيندڙ آفتن، بي چين ڪرڻ وارين تڪليفن نيڪ دلين کي بيقرار ڪرڻ ۽ خدا پرست طبيعتن کي بي تاب ڪرڻ جي لاءِ حسرت ۽ بي وسي جو سامان جمع ڪيو آهي. يزيد پليت جو بادشاهيءَ واري تخت کي پنهنجي ناپاڪ پيرن سان خراب ڪرڻ انهن ناقابلِ برداشت مصيبتن جي شروعات آهي جنهن کي بيان ڪرڻ سان دل رت جا ڳوڙها وهائي ٿي ۽ دل هڪ غير معمولي بيقراري محسوس ڪندي گهبرائجي ٿي وڃي. هن مردود پنهنجي حڪومت جي مضبوطي، ۽ پنهنجي ذليل عزت جي ترقي هن ڪم (يا معاملي) ۾ سمجهي تہ اهلِ بيت جي مقدس ۽ بي گناهہ خون سان پنهنجي ناپاڪ تلوار رنگي.ان جهنّمي جي نيت بدلجڻ سان ئي زماني جي هوا بدلجي وئي ۽ زهريلا جهونڪا آيا هميشه جي بهار خزان ۾ تبديل ٿي وئي، مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خاندان جا خوبصورت گل مرجهائجي زمين جي زينت بڻجي ويا.

## امام حسن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي شهادت ۽ پياءَ کي نصيحت

ان خبيث جو پهريون حملو سيدنا امام حسن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ تي ٿيو. امام عالي مقام جي گهر واري جعده کي ڌوڪو ڏنو تہ جيڪڏهن تون امام حسن کي زهر ڏئي ان جو ڪم تمام ڪنديءَ تہ مان تو سان نڪاح ڪندس. ان جي بدبختي جو بادشاه جي گهر واري بڻجڻ جي لالچ ۾ اچي مالڪِ جنت جو ساٿ ڇڏي ڪري، آخرت جي بادشاهي کان منهن موڙي ڪري جهنم جي رستي تي هلي پئي، ڪئي ڀيرا زهر ڏنائين پر ڪجهه بہ اثر نہ ٿيو پوءِ تہ دل کولي جهنم جي ٽانڊن سان پيٽ ڀري امامِ عالي مقام کي گهڻو تيز زهر ڏنائين ايستائين جو مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي جگر جي ٽڪري جا اندروني عضوا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٻاهر نڪرڻ لڳا.

اها بي چين ڪرڻ واري خبر ٻڌي ڪري حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ

پنهنجي پياري پاءُ وٽ حاضر ٿيا. متن کان ويهي گذارش ڪئي: ”سائين اوهان کي ڪنهن زهر ڏنو؟ فرمايائون ”جيڪڏهن اهو آهي جيڪو منهنجي خيال ۾ آهي تہ الله بهتر بدلو وٺڻ وارو آهي، ۽ جيڪڏهن نہ، تہ مان بي گناهہ کان بدلو نٿو وٺڻ چاهيان. (حلية الاولياء، الحسن بن علي، حديث، 1438ج 2، ص. 47 ملخصا)

هڪ روايت ۾ آهي، تہ فرمايائون: ڀاءُ! ماڻهو اسان کان اها اميد رکن ٿا تہ قيامت جي ڏينهن اسان انهن جي شفاعت فرمائي ڪري ڪم اچون نہ اها تہ انهن سان غضب ۽ انتقام ان ڪم وٺون.

واہ رے حلم کہ اپنا تو جگر ٹکڑے ہو پھر بھی ایذائے ستم گر کے روا دار نہیں

پوءِ وڃڻ واري امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اچڻ واري امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي هيئن وصيت فرمائي: ”حسين ڏس ڪوفي جي بي وقوفن کان ڊڄندو رهجان، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو هو توهان کي ڳالهيون ڪري گهرائين ۽ وقت اچڻ تي ڇڏي ڏين، پوءِ پڇتائيندي ۽ بچڻ جو وقت هليو ويندو.“

بي شڪ امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي اها وصيت موتين ۾ تورڻ جي قابل ۽ دل تي لکڻ جي لائق هئي، پر ان ٿيڻ واري واقعي کي ڪير روڪي سگهي ٿو جنهن کي قدرت گهڻو پهرين کان مشهور ڪري رکيو هو.

### ﴿امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت جي خبر ڪربلا جي واقعي کان پهريون ئي مشهور هئي﴾

حضور سرورِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ بعثت کان ٽي سو سال پهرين هي شعر هڪ پٿر تي لکيل مليو:

اَتَرْجُوْا اُمَّةٌ قَتَلَتْ حُسَيْنًا شَفَاعَةَ جَدِّهٖ يَوْمَ الْحِسَابِ

ڇا حسين جا قاتل اها اميد رکن ٿا تہ قيامت جي ڏينهن انهن جي نانا جان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت ماڻيندا؟

اهو ئي شعر روم جي زمين تي هڪ گرجا گهر ۾ لکيل مليو ۽ لکڻ وارجي خبر نہ پئي.

ڪئي حديثن ۾ آهي، حضور سرورِعالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُم المؤمنين حضرت امِ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جي گھر ۾ تشريف فرما هئا، هڪ فرشتو جيڪو پهرين ڪڏهن بہ حاضر نہ ٿيو هو الله تبارڪ وتعالٰي کان حاضري جي اجازت وٺي آسمان تان نازل ٿيو، حضور پرنور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن امُ المؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جنکي ارشاد فرمايو: دروازي جي نگهباني ڪريو، ڪير اچي نہ سگھي، ايتري ۾ سيدنا امامِ حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ دروازو کولي ڪري حاضرِ خدمت ٿيا ۽ ٽپو ڏئي حضور پرنور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هنج ۾ وڃي ويٺا، حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيار فرمائڻ لڳا، فرشتي عرض ڪيو: ”حضور انهن کي چاهيو ٿا ؟ فرمايائون: ها! عرض ڪيائين: ”اهو وقت ويجهو آهي جو حضور جي اُمت اِنهن کي شهيد ڪندي ۽ جي اوهان چاهيو تہ اها زمين حضور کي ڏيکاري ڇڏيان جتي هي شهيد ڪيا ويندا. پوءِ ڳاڙهي مٽي ۽ هڪ روايت ۾ آهي واري، هڪ ٻئي روايت ۾ آهي پٿريون، حاضر ڪيون.

حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سونگھي ڪري فرمايائون. ”رِيحِ كَرْبٍ وَّبَلَاء“ بي چيني ۽ مصيبت جي بوءِ اچي ٿي، پوءِ اُم المؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کي اها مٽي ڏني وئي ۽ ارشاد ٿيو، ”جڏهن هيءَ رت ٿي وڃي تہ سمجھجان تہ حسين شهيد ٿي ويو“ انهن اها مٽي هڪ شيشي ۾ رکي ڇڏي. اُم الْمؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون مان چوندي هئس جنهن ڏينهن هيءَ مٽي رت ٿي ويندي ڪيتري سختيءَ جو ڏينهن هوندو“. (المعجم الکبير، ج. 3، ص. 108، حديث. 2817-2818-2819)

امير المؤمنين مولٰي علي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ صفين ڏانهن ويندي ڪربلا جي زمين تان گذريا، نالو پڇيائون تہ ماڻهن چيو: ”ڪربلا!“ ايترو ٻُڌائون جو زمين ڳوڙهن سان آلي ٿي وئي پوءِ فرمايائون: مان خدمتِ اقدس حضور سيدِ عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيس، حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي روئيندي ڏٺو، سبب پڇيو، فرمايائون: ”هينئر جبريل اهو چئي ويا آهن تہ منهنجو پٽ حسين فرات جي ڪناري ڪربلا ۾ قتل ڪيو ويندو پوءِ جبريل اتان جي مٽي مونکي سُنگھائي مونکان رهي نہ سگھيو ۽ اکيون وهڻ لڳيون“.

هڪ روايت ۾ آهي، مولٰي علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان مقام ڪان گذريا جتي هاڻي امامِ مظلوم جي قبر مبارڪ آهي، فرمايائون هتي انهن جون سواريون ويهاريون وينديون، هتي انهن جا ڪجاوا رکيا ويندا، ۽ هتي انهن جو رت ڪرندو. آلِ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪجھ نوجوان ان ميدان ۾ قتل ٿيندا جن تي زمين ۽ آسمان روئندا. (دلائل النبوة لابي نعيم الاصبهاني، ج. 2، ص. 147)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

## امام مظلوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان مدينو ڇڏجي ٿو

امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ڪم تمام ڪري جڏهن يزيد پليد پنهنجي بدبخت دل کي خوش ڪري ڇڏيو. هاڻي ان ظالم کي امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ياد آيو، مديني جي صوبي دار وليد کي خط لکيائين ته

حسين ۽ عبدالله ابن عمر ۽ عبدالله ابن زبير (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمْ) کي بيعت جي لاءِ چئو ۽ مهلت نہ ڏيو. ابنِ عمر هڪ مسجد ۾ ويهڻ وارا ماڻهو آهن ۽ ابن زبير جيستائين موقعو حاصل نہ ڪندا خاموش رهندا، پر حسين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) ڪان بيعت وٺڻ سڀ ڪان وڏيڪ ضروري آهي جو هي شير (يعني شينهن) ۽ شير جو پٽ موقعي جو انتظار نہ ڪندو.

صوبيدار خط پڙهي قاصد کي موڪليو، امام فرمايو: ٺيڪ آ اچون ٿا. پوءِ عبدالله ابن زبير کي فرمايائون: دربار جو وقت ناهي بي وقت گهرائڻ سان لڳي ٿو تہ سردار وفات ڪري ويو آهي، اسان کي ان لاءِ گهرايو ويجي ٿو تہ موت جي خبر مشهور ٿيڻ ڪان پهريان يزيد جي بيعت اسان ڪان ورتي وڃي“ ابن زبير عرض ڪيو ”منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي تہ اهڙي حالت ۾ توهان جي ڇا راءِ آهي؟ فرمايائون مان پنهنجا جوان جمع ڪري وڃان ٿو، ساٿين کي دروازي تي ويهاري ان وٽ ويندس“ ابن زبير چيو ”مونکي ان ڪان شڪ آهي“ فرمايائون ”هو مونکي ڪجھ بہ نٿو ڪري سگهي“ پوءِ پنهنجي ساٿين سان تشريف کڻي ويا، همراهن کي هدايت ڪئي ”جڏهن مان سڏيان يا منهنجو آواز بلند ٿيندي ٻڌو، اندر اچي

وججو ۾ جيستائين مان واپس نہ اچان ڪيڏانهن بہ نہ چُر جو. ”اهو فرمائي اندر تشريف کڻي ويا، وليد وٽ مروان کي وينل ڏٺائون، سلام عليڪ چئي ڪري پاڻ ويهي رهيا، وليد خط پڙهي ڪري ٻُڌايو اهو ئي مضمون ڏٺو جيڪو سائين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جي خيال شريف ۾ آيو هو. بيعت جو حال ٻڌي ارشاد فرمايائون: ”مون جهڙا لِکي ڪري بيعت ناهن ڪندا، سيني کي جمع ڪيو، بيعت وٺو، پوءِ اسان کي چئو“ وليد عافيت ان ۾ سمجهي عرض ڪيو: ”بهتر! تشريف کڻي وڃو.“ مروان چيو ”جيڪڏهن هن وقت انهن کي ڇڏي ڏيندي ۽ بيعت نہ ونندي تہ جيستائين گهڻين ئي جانين جو خون نہ ٿي وڃي اهڙو وقت هٿ نہ ايندو، هاڻي روڪي وٺو بيعت ڪري ڇڏي تہ نيڪ آ نہ تہ قتل ڪري ڇڏ.“ اهو ٻُڌي امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: ”ابن الزُرقاء! تون يا هو، مونکي ڇا قتل ڪري سگهندو! خدا جو قسم! تو ڪوڙ ڳالهايو ۽ بدمعاشي واري ڳالھ ڪئي.“ اهو فرمائي واپس تشريف کڻي آيا.

مروان وليد کي چيو: ”خدا جو قسم! هاڻي اهڙو موقعو نہ ملندو.“ وليد چيو: ”مونکي پسند ناهي تہ بيعت نہ ڪرڻ تي حسين کي قتل ڪيان، مونکي تمام جهان جي ملڪ ۽ مال جي بدلي ۾ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو قتل منظور ناهي. منهنجي ويجهو حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خون جو جنهن ماڻهوءَ کان مطالبو ٿيندو اهو قيامت جي ڏينهن خداءِ قهار جي سامهون هلڪي تورَ وارو آهي.“ مروان منافقانہ طور تي چئي ڇڏيو: ”تو صحيح چيو.“ (الڪامل في تاريخ، ج. 3، ص. 377)

ٻيهر ماڻهو آيو، فرمايائون:”صبح ٿيڻ ڏيو.“ ۽ قصد فرمائي ڇڏيو تہ رات ۾مڪي جي ارادي سان گهروارن سان گڏ سفر ڪيو ويندو. اها رات امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن پنهنجي جدِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضهء منوره ۾گذاري جو آخر تہ جدائي ٿيڻي آهي هلندي وقت تہ پنهجي جدِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس هنج ۾ چنبڙي ونجي پوءِ خدا ڄاڻي اهڙو وقت زندگي ۾ ملي يا نہ ملي. امام آرام ۾ هئا تہ خواب ڏٺو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا آهن ۽ امام کي سيني سان لڳائي ڪري فرمائي رهيا آهن: ”حسين! اهو وقت ويجهو اچي ٿو جو توهان اجايل شهيد ڪيا

ويندؤ ۽ جنت ۾ شهيدن جا وڏا درجا آهن.“ اهو ڏسي اک کلي وئي، اتيا ۽ روضہء مقدس جي سامهون رخصت ٿيڻ لاءِحاضر ٿيا.

مسلمانو! دنياوي حيات ۾ امام (عالي مقام ) جي اها آخري حاضري آهي. صلوٰة ۽ سلام عرض ڪرڻ ڪان پوءِ سر جهڪائي بيهي رهيا آهن. وڇوڙي جو غم جگر کي ڳاري رهيو آهي، اکين مان مسلسل ڳوڙها وهي رهيا آهن. رقّت جي جوش جسمِ مبارڪ ۾ ڏڪٽي پيدا ڪري ڇڏي آهي، بي قرارين محشربرپا ڪري ڇڏيو آهي دل چوي ٿي تہ سر وڃي پر اتان ڪان قدم نہ ڪٽو، صبح ٿيڻ جو خيال اهو تقاضو ڪري ٿو تہ جلد تشريف ڪٽي وڃو، ٻہ قدم ڪٽن ٿا وري واپس اچن ٿا، وطن جي حُبَ محبت پيرن تي چمبڙي ٿي تہ ڪاڏي ٿا وڃو؟ سفر دامن ڇڪي ٿي تہ دير چو ٿا لڳائيو؟ شوق جي تمنا آهي تہ سڄي عمر نہ وڃون، مجبورين جو تقاضو آهي تہ گهڙي ڪن ٻہ نہ رڪو.

شعبان جي چوٿين رات جا ٽي پهر گذري ويا آهن ۽ رات جي آخري پهرن ۾ نرم نرم هوا جا جهونڪا سمهڻ وارن کي لوري ڏئي سمهاري رهيا آهن، تارن جي سنهري رنگ ۾ ڪجھ ڪجھ اجاڻ ظاهر ٿي رهي آهي انڌيري رات جي اونداهي پنهنجا قدم سميٽڻ چاهي پئي ۽ سڄي شهر ۾ خاموشي ڇانئجي وئي آهي، نہ ڪنهن ڳالهائڻ واري جو آواز ڪنن تائين پهچي ٿو، نہ ڪنهن هلڻ واري جي اچ وڃ ٻڌڻ اچي ٿي، سڄي شهر جا دروازا بند آهن، ها خاندانِ نُبُوت جي گهرن ۾ ان وقت سڄاڳي ٿي رهي هئي ۽ سفر جو سامان صحيح ڪيو پئي ويو، ضرورت جون شيون ٻاهر ڪڍيون ويون آهن، سواريون دروازي تي تيار بيٺيون آهن، ڪجاوا ٻڌجي ويا آهن، پڙدي جو انتظام ٿي ويو آهي، هيڏانهن امام جا پُٽ، ڀائر، ڀائٽيا، گهر وارا سوار ٿي رهيا آهن هوڏانهن امام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجدِ نبوي ڪان ٻاهر تشريف وٺي اچي رهيا آهن، محرابن سر جهڪائي سلام ڪيا، مينارن بيهي ڪري تعظيم ڪئي، قافلي جي سالار جي تشريف آوري ٿيندي ئي نبي زادن جو قافلو روانو ٿي ويو.

مديني ۾ اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُم مان حضرت صغريٰ امامِ مظلوم جي صاحبزادي ۽ جنابِ محمد بن حنفيہ مولٰي علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جا پٽ باقي رهجي ويا .

الله اکبر! هڪ ڏينهن اهو هو جو حضور سرورِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪافرن جي ايذائڻ ۽ تڪليف رسائڻ جي ڪري مڪي پاڪ کان هجرت فرمائي. مديني وارن جڏهن اها خبر ٻڌي، دلين ۾ خوشي وچان جذبن جوش هنئيو ۽ اکين ۾ خوشيءَ واري عيد جو نقشو ڇڪجي ويو هو، آمد آمد جو انتظار ماڻهن کي آبادي کان ڪڍي جبلن ڏانهن وٺي ويندو هو، منتظر اکيون مڪي جي رستي ۾جيستائين نظر پهچندي هئي، چتّائي نهاريندي‌يون، ۽ مشتاق دل هر اچڻ واري کي پري کان ڏسي چرڪ پرينديون، جڏهن سج گرم ٿيندو. گهرن ڏانهن واپس ايندا، انهي ئي ڪيفيت ۾ گهٽا ئي ڏينهن گذري ويا، هڪ ڏينهن بين ڏينهن جيان وقت گهٽو ٿي ويو ۽ انتظار ڪرڻ وارا حسرتن کي سمجهائيندا تمنائن کي تسڪين ڏيندي موٽي ويا هئا، جو هڪ يهوديءَ متانهين کان آواز ڏنو ”اي رستا ڏسڻ وارؤ! واپس ٿيو! توهان جو مقصد پورو ٿيو ۽ توهان جو مطلب پورو ٿيو.“ انهي صدا کي ٻڌندي ئي اُهي اکيون جيڪي حسرت سان پريل هيون، هاڻي خوشيءَ وچان لُڙڪ وهائي رهيون هيون، اهي دليون جيڪي مايوسي کان مرجهائجي ويون هيون، هاڻي خوشي سان جهمڻ لڳيون، اهي بي قرارتي استقبال لاءِ وڌيا، پروانہ وار قربان ٿيندي آبادي تائين وٺي آيا، هاڻي چا ٿئي خوشي جي گهڙي آئي،دل گُهري مراد پوري ٿي گهر گهر مان شاديءَ جي نغمن جون آوازون بلند ٿيون، پڙده نشين عورتن دف وڄائيندي، خوشي جي لهجي ۾ مبارڪ باد جا گيت ڳائيندي نڪري آيون.

طَلَعَ[1] الْبَدْرُ عَلَيْنَا مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ
وَجَبَ الشُّکْرُ عَلَيْنَا مَا دَعَا لِلّٰہِ دَاعٍ

بني نجار جون چوڪريون گِلي ڪوچن ۾ ان شعر سان اظهارِ مسرت ڪنديون ظاهر ٿيون.

نَحْنُ[2] جَوَارٍ مِنْ بَنِی النَّجَّارِ
یَا حَبَّذَا مُحَمَّدٌ مِنْ جَارِ

مطلب تہ مسرت جو جوش هو، دَرن ديوارن مان خوشي نظر اچي پئي. هڪ اِج جو ڏينهن آهي جو امامِ مظلوم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي مديني کان جدائي آهي. مدينو ئي نہ بلڪ دنيا جون سڀ راحتون، تمام آسائشون، هڪ هڪ ڪري رخصت ٿيندي ۽ خير آباد چون ٿيون. هنن سيني کان علاوه ، ناز ڪٽڻ واري امڙ ماءُ جو پاڙو، سڳي ڀاءُ جو قرب، ۽ سڀ کان وڌيڪ امام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ تي پنهنجو پُٽ قربان ڪرڻ واري آقا جدِ ڪريم (صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو قرب، چا هي اهڙيون شيون آهن جن کان آساني سان اکيون ڦيريون وڃن! آسانيءَ سان اکيون ڦيرڻ ڪيئن! جيڪڏهن امام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کي مدينو نہ ڇڏڻ تي قتل ڪيو وڃي ها تہ هو قتل ٿيڻ منظور فرمائن ها ۽ مديني کان ٻاهر پير نہ ڪڍن ها، پر ان مجبوري جو ڪهڙو علاج جو امام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڏاچيءَ کي قضاء، مهار پڪڙي ان ميدان جي طرف وٺي وڃي رهي آهي، جتي قسمت پرديسين جي قتل

[1] وداع جي ٽيلن مان اسان تي هڪ چنڊ طلوع ٿيو جيستائين ڪو گهرائڻ وارو الله تعاليٰ ڏانهن گهرائيندو رهندو اسان تي ان (چنڊ) جو شڪر ڪرڻ واجب آهي

[2] اسان قبيلي بني نجار جون ڌيئرون آهيون حضرت سيدنا محمد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙا نہ سٺا پاڙيسري آهن.

ڪہ هم هيں بچياں نجار ڪے عالي گهرانے کي خوشي آمنہ ڪے لال ڪے تشريف لانے کي

ٽيڻ ، پياسن کي شهيد ڪرڻ جو سامان جمع ڪيو آهي. مديني جي زمين جنهن تي پاڻ گوڏن پر هليا جنهن سندن جي ننڍپڻ جون بهارون ڏٺيون، جنهن تي سندن جي جوانيءَ جون ڪرامتون ظاهر ٿيون، اها زمين پنهنجي مٿان حسرت پري خاڪ وجهندي ۽ پرديس وڃڻ واري جي پياري پياري نازڪ پيرن سان چنبڙي زبانِ حال سان عرض ڪري رهي آهي ته اي فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي دل جا نار! جگر جا سهارا! زندگي جي بهار! ڪيڏانهن جو ارادو فرمائي ڇڏيو؟ اها ڪهڙي سر زمين آهي جنهن کي اِهي عزت وارا پير جيڪي منهنجي اکين جا تارا آهن، شرف بخشڻ جو قصد فرمائن ٿا ؟

اے[1] تماشاگاہ عالم روئے تو — تو کجا بہر تماشا مے روی

جيتري قدر هي برڪت وارو قافلو نگاه کان پري ٿيندو وڃي ٿو ايتري قدر پنيان رهجي وڃڻ وارين پهاڙين ۽ مسجدِ نبوي جا مناره مٿو کڻي کڻي ڪري ڏسڻ جي خواهش وڏيڪ ظاهر ڪن ٿا، ايستائين جو وڃڻ وارا نگاهن کان غائب ٿي ويا ۽ مديني جي آبادي تي حسرت پريل سناٽو ڇائنجي ويو .

اَللّٰھُمَّ صلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ اَجْمَعِیْنَ

رستي ۾ عبدالله بن مطيع رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مليا، عرض ڪيائون: ”ڪيڏانهن جو قصد فرمايو آهي؟“ فرمايائون ”في الحال مڪي جو.“ عرض ڪيائون: ڪوفي جو ارادو نه ڪجو اهو وڏو بي ڍنگو شهر آهي. اتي توهان جا والد محترم شهيد ٿيا، توهان جي ڀاءُ سان ڌوڪو ڪيو ويو، توهان مڪي کان سواءِ ڪٿان جو به ارادو نه فرمايو، جيڪڏهن توهان شهيد ٿي ويندؤ ته خدا

(1) يعني توهان نظاري جي لاءِ ڪٿي وڃي رهيا آهيو جڏهن ته دنيا جون نگاهون توهان جي رخ انور تي متوجهه آهن

جو قسم! اسان جو نڪاٽو ڪٽي نہ ٿيندو اسان سيئي غلام ٻڌايا ويندا سين بالآخر حضور مکي پهچي ست ذي الحج تائين امن ۾ امان سان قيام فرمارهيا. (الڪامل في التاريخ، ج. 3، ص. 381)

## ڪوفين جي شرارت ۾ امام مسلم جي شهادت

جڏهن ڪوفي وارن کي يزيد خبيث جي تخت نشيني ۾ امام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي بيعت طلب ڪرڻ ۾ امام جو مدينو ڇڏي مکي تشريف ڪٽي اچڻ جي خبر پهتي، دغابازي ۾ مڪاريءَ جي پراڻي عادت ياد آئي. سليمان بن صرد خزاعي جي گهر تي جمع ٿيا. مشورو ڪري خط لکيو تہ تشريف ڪٽي اچو ۾ اسان کي يزيد جي ظلم کان بچايو، ڏيڍسئو (150) درخواستون (خط) جمع ٿيڻ تي امام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ لکي موڪليو تہ ”مان پنهنجي اعتماد واري چاچي جي پٽ مسلم بن عقيل کي موڪليان ٿو جيڪڏهن هي توهان جو معاملو نيڪ ڏسي ڪري اطلاع ڏي تہ اسان جلدي تشريف ڪٽي ايندا سين.“

حضرت مسلم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪوفي پهتا هوڏانهن ڪوفين امام (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي هٿ تي بيعت ڪرڻ ۾ امام کي مدد ڏيڻ جو واعدو ڪيو بلڪ ارڙهن (18) هزار بيعت ۾ داخل بہ ٿي ويا ۾ حضرت مسلم کي ايستائين ڳالهين ۾ وني ڪري اطمينان ڏياريو، ۾ انهن امام کي تشريف ڪٽي اچڻ جي باري ۾ لکيو.

هوڏانهن يزيد پليد کي ڪوفين خبر ڏني تہ امام حسين، امام مسلم کي موڪليو آهي ڪوفي جو حاڪم نعمان بن بشير(رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا) انهن سان نرميءَ جو ورتائو ڪري رهيو آهي. ڪوفي جو پلو منظور اٿئي تہ پاڻ جهڙو ڪو زبردست ظالم موڪل.

ان عبدالله ابن زياد کي حاڪم بڻائي ڪري روانو ڪيو ۾ چيائينس تہ ”مسلم کي شهيد ڪر يا ڪوفي کان ڪڍي ڇڏي.“ جڏهن هي بد

نصيب ڪوفي پهتو امام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان گڏ ارڙهن هزارجي جماعت ڏني، پنهنجي ماڻهن کي ڏمڪائڻ تي مقرر ڪيو، ۽ ڪنهن کي ڏمڪي ڏني، ڪنهن کي لالچ کان توڙيو. ايستائين جو توري دير ۾ امام مسلم وٽ ٿيهہ ماڻهو رهجي ويا. امام مسلم اهو ڏسي مسجد کان ٻاهر نڪتا تہ ڪٿي پناهہ وٺن. جڏهن دروازي کان ٻاهر آيا، تہ هڪ بہ گڏ نہ هو. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَیْهِ رٰجِعُوْنَ آخر هڪ گهر ۾ پناهہ ورتي. ابن زياد اها خبر ٻڌي فوج موڪلي، جڏهن امام مسلم کي رڙيون پهتيون تلوار ڪڍي اُٿيا ۽ مڪار طبيعت وارن کي مڪان کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو، ڪجهہ دير کان پوءِ وري جمع ٿي آيا، شيرِ خدا جو پاڻيو وري تلوار ڪڍي اٿيو ۽ گهڙيءَ ۾ انهن گدڙن کي پريشان ڪري ڇڏيو، گهڻا ئي پيرا ائين ئي ٿيو جڏهن انهن نا مڙدن جو ان اڪيلي مردِ خدا تي ڪو وس نہ هليو، مجبور ٿي ڪري ڇتين تي چڙهي ويا پٿر ۽ باهہ جا شعلا اُڇلڻ شروع ڪيا. شيرِ مظلوم جو جسم انهن ظالمن جي پٿرن سان رت ٿي ويو، پر هو تلوار هلائيندي حملو ڪندي ٻاهر نڪتا، ۽ ٻاهر جيڪي رستي ۾ ٽولا بيٺا هئا انهن تي وڏي همت سان حملو ڪيو. جڏهن اها حالت ڏٺي، ابن اشعث چيو تہ ”اوهان (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي لاءِ امان آهي نہ ئي توهان قتل ڪيا ويندا نہ ڪا گستاخي ڪئي ويندي.“ مسلم مظلوم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٿڪجي ڪري ديوار سان پُٺي لڳائي ويهي رهيا، خچر سواري جي لاءِ حاضر ٿيو، ان تي سوار ڪيا ويا، هڪ تلوار حضور جي هٿ کان وٺي ڇڏي، فرمايائون: اهو پهريون فريب آهي. ابنِ اشعث چيو: ”ڪجهہ خوف نہ ڪيو“ فرمايائون: ”اها امان ڪاڏي وئي“ پوءِ روئڻ لڳا. هڪ شخص چيو: ”تو جهڙو بهادر ۽ روئي“! فرمايائون: ”پنهنجي لاءِ نٿو روئان، روئڻ تہ حسين ۽ آل حسين جي لاءِ آهي جو هو توهان جي اطمينان تي ايندا هوندا ۽ انهن کي ان مڪر ۽ فريب جي خبر ناهي.“ پوءِ ابنِ اشعث سان فرمايائون: ”مان ڏسان ٿو تہ تون مون کي پناهہ ڏيڻ کان عاجز رهندين ۽ تنهنجي امان ڪم نہ ڏيندي، جيڪڏهن ٿي سگهي تہ ايترو ڪر جو پاڻ وٽان هڪڙو ماڻهو امام

حسين وٽ موڪلي ڪري منهنجي حال جي اطلاع ڏئي ڇڏ تہ اُهي واپس وڃن ۽ ڪوفين جي فريب ۾ نہ اچن.

جڏهن امام مسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ابن زياد بدبخت وٽ آندا ويا، ابن اشعث چيو: مان انهن کي امان ڏيئي چڪو آهيان. هن خبيث چيو: توکي امان ڏيڻ سان ڪهڙو تعلق؟ توکي وٺي اچڻ جي لاءِ موڪليو هو امان ڏيڻ لاءِ نہ. ابن اشعث خاموش رهيو، مسلم گهٽو تڪيل ۽ زخمن جي ڪثرت ۾ اجايل هيا. ٿڌي پاڻيءَ جو هڪ مٽڪو ڏٺو، فرمايائون "مون کي ان مان پياريو." ابن عمرو باهلي چيو: "ڏسين ٿو ڪهڙو ٿڌو آهي تون هن مان هڪ قطرو بہ چکي ڪونہ سگهندي، ايستائين جو (معاذالله) جهنم ۾ گرم پاڻي وجي پيئندين."

امام مسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: "اي پٿر دل!سخت طبيعت وارا! آبِ حميم ۽ نارِ جحيم جو تون مستحق آهين." پوءِ عماره بن عقبيٰ کي رحم آيو، ٿڌو پاڻي گهرائي ڪري پيش ڪيائين، امام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پيئڻ چاهيو پيالو رت سان پرجي ويو، ٽي پيرا ايئن ئي ٿيو، فرمايائون: "خدا کي ئي منظور ناهي." جڏهن ابن زياد بدبخت جي سامهون ويا، ان کي سلام نہ ڪيائون تہ اهو ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ چيائين: تون ضرور قتل ڪيو ويندي. فرمايائون: "تون مونکي وصيت ڪرڻ ڏي." ان اجازت ڏني. مسلم مظلوم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عمرو بن سعد کي فرمايو:" منهنجي ۽ تنهنجي مائٽي مٽي آهي ۽ مونکي توسان هڪڙي لڪيل ڳالھ ڪرڻي آهي. ان پٿر دل چيو مان نٿو ٻڌڻ چاهيان. ابن زياد چيو "ٻڌ جو تہ هي تنهجي چاچي جو اولاد آهي." هو الڳ وٺي ويو، فرمايائون: "ڪوفي ۾، مون ست سئو روپيا قرض ورتو آهي اهو ادا ڪري ڇڏجان، ۽ قتل کان بعد منهنجو جنازو ابن زياد کان وٺي دفن ڪرائي ڇڏجان ۽ امام حسين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) وٽ ڪنهن کي موڪلي منع ڪرائي ڇڏجان." ابن سعد ابنِ زياد کي اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون. اُن چيو: "ڪڏهن خيانت ڪرڻ

واري ڪي بہ امانت حوالي ڪبي آ” يعني انهن راز جي ڳالھ رکڻ لاءِ فرمايو، تو ظاهر ڪري ڇڏي، پنهنجي مال جو توڪي اختيار آهي جيڪو چاهين ڪرين ۽ حسين جيڪڏهن اسان جو قصد نہ ڪندو اسان ان جو نہ ڪنداسين نہ تہ اسان ان سان گهٽ نہ ڪنداسين، رهيو مسلم جو جنازو،ان ۾اسان تنهنجي سفارش ٻڌڻ وارا ناهيون. پوءِ حڪم ڏنائين ته کين محل جي مٿان ڪري ڇڏيو انهن کي بالائي قصر(محل جي مٿان) وٺي ويو، امام مسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ برابر تسبيح ۽ استغفار ۾ مشغول هئا ايستائين جو شهيد ڪيا ويا ۽ انهن جو سِر مبارڪ يزيد وٽ موڪليو ويو. (الکامل في التاريخ، ج. 3، ص. 395-397)

امامِ جنت مقام مکي ڪان وڃن تا

پائی نہ تیغِ عشق سے ہم نے کہیں پناہ　　قربِ حرم میں بھی تو ہیں قربانیوں میں ہم

60 هجريءَ جو پنيون مهينو آهي ۽ حج جو زمانو، دنيا جي پري پري حصن کان لکين مسلمان وطن ڇڏي ڪري عزيزن کان مُنهن موڙي ڪري پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي مقدس ۽ پاڪيزه گهر جي زيارت سان مشرف ٿيڻ جي لاءِ حاضر ٿيا آهن. دلين ۾ فرحت هڪ جوش پيدا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ سينن ۾ سرور لهرون هٽي رهيو آهي اها ئي هڪ رات وچ ۾ آهي صبح جو نائين تاريخ آهي ۽ مهينن جي محنت وصول ڪرڻ، مدتن جا ارمان نڪرڻ جو مبارڪ ڏينهن آهي. مسلمان خانہ ڪعبہ جي چوڌاري ڦري ڦري نثار ٿي رهيا آهن، مکي شريف ۾هر وقت جي اچ وڃ ڏينهن کي عيد جي ڏينهن جيان ۽ رات کي شبِ براءَت جو آئينو بڻائي ڇڏيو آهي، ڪعبي جو دلڪش منظر، ڪجھ اهڙي من موهيندڙ ادائن جو سامان پنهنجي اندر رکيو آهي جو لکن جي تعداد ۾ جنهن کي ڏس شوق پرين نگاهن سان ان جي ئي طرف ڏسي رهيو آهي. خبر پئي ٿي تہ سياه پردي جي چمڪ مان ڪنهن محبوب دلنواز جون پياريون پياريون تجليون نڪري رهيون آهن، جنهن جي هوش ڪسيندڙ تاثيرن، دلڪش ڪيفيتن ئي هي مجلس آرائيون ڪيون آهن. عاشقانِ دلداده فرقت جون مصيبتون،

جدائي جون تڪليفون سهي ڪري جڏهن خوش قسمتي سان پنهنجي پياري معشوق جي آستاني تي حاضري جو موقعو پائن ٿا، ادب ۽ شوق جي الجهن ۽ مسرت آميز بي قراري خوشي جي تصوير اڪين جي سامهون چڪيندي آهي ۽ اُهي پنهنجي چمڪندي تقدير تي طرح طرح سان ناز ڪندي بي اختيار چئي اُٿندا آهن:

مقامِ وجد ہے اے دل کہ کوئے یار میں آئے　　بڑے دربار میں پہنچے بڑی سرکار میں آئے

مقصد ته اڄ جو هي ڏوم ڏام وارو جلسو جيڪو هڪ غرض مشترڪ (هڪڙي مقصد) سان گڏ پنهنجي محبوب جي دَرِ دولت تي حاضر آهي، پنهنجي پرپور ڪاميابي تي حد ڪان گهڻو مسرت ظاهر ڪري رهيو آهي. پر امامِ مظلوم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مقدس چهري مان معلوم ٿي رهيو آهي ته هي ڪنهن خاص سبب ڪان ان مجمعي ۾ شريڪ نٿا ٿي سگهن يا انهن جي سامهون ڪنهن پڙدو ڪٽي ڪجهه اهڙو عالم ڏيکاري ڇڏيو آهي جو انهن جي مقدس نگاهه کي ان مبارڪ منظر جي طرف ڏسڻ ۽ هوڏانهن توجه ڏيڻ جي فرصت ئي ناهي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن وقت حاجين جي هجوم جي طرف حسرت سان ڏسن ۽ نفل حج جي فوت ٿيڻ تي اظهارِ افسوس به ڪن ٿا، ته تقدير، زبانِ حال سان چوي ٿي ته "حسين! تون غمگين نه ٿي جيڪڏهن هن سال حج نه ڪرڻ جو افسوس آهي ته مون تنهنجي لاءِ حجِ اڪبر جو سامان ڪري ڇڏيو آهي ۽ شوق سان چيلھ تي همت جي دامن جو مبارڪ احرام مظبوط ٻڌ، جيڪڏهن حاجين جي سعي جي لاءِ مڪي جو هڪ نالو مقرر ڪيو ويو آهي ته تنهنجي لاءِ مڪي ڪان ڪربلا تائين وسيع ميدان موجود آهي. حاجي جيڪڏهن زم زم جو پاڻي پيئن ته توڪي ٽي ڏينهن اُجارو رکي ڪري شربتِ ديدار پيئاريو ويندو ته پي ۽ خوب سير ٿي ڪري پيءِ، حاجي بقره عيد جي ڏهين تي جانورن جون قربانيون ڪندا، ته تون محرم جي ڏهين تي ڪربلا جي ميدان ۾ پنهنجي هنج جي پاليلن کي خاڪ ۽ خون ۾ تڙپندي ڏسندين، حاجين مڪي جي راه ۾ مال

خرچ ڪيو آهي، تون ڪربلا جي ميدان ۾ پنهنجي جان ۽ سڄي عمر جي ڪمائي لُٽائيندي، حاجين جي لاءِ مڪي ۾ تاجرن بازار کوليو آهي، تون فرات جي ڪناري دوست جي خاطر پنهنجي دڪان کوليندين. هتي تاجر مال فروخت ڪندا آهن، هُتي تون جانيون وڪڻندي، هتي حاجي خريد ۽ فروخت جي لاءِ ايندا آهن، تنهنجي دڪان تي تنهنجو دوست جلوه فرما ٿيندو، جيڪو پهرين ئي ارشاد فرمائي چڪو آهي:

إِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ الله مسلمانن کان سندن مال ۽ جان خريدي ورتا آهن هن بدلي تہ انهن جي واسطي جنت آهي.

مقصد تہ انهن ڪيفيتن ڪجهه اهڙو بي قابو بڻائي ڇڏيو آهي جو امام عالي مقام (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) بقر عيد جي انين تاريخ تي ڪوفي جو قصد فرمايو، جڏهن اها ڳالهہ مشهور ٿي تہ عمر بن عبدالرحمٰن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان ارادي سان اختلاف ڪيو ۽ وڃڻ کان منع ڪيو، فرمايائون: ”جيڪو ٿيڻو آهي، اهو ٿي رهندو“ عبدالله ابنِ عباس (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا) نهايت عاجزي سان روڪڻ چاهيو، ۽ عرض ڪيائون: ”ڪجهه ڏينهن رڪجي وڃو انتظار فرمايو، جيڪڏهن ڪوفين ابن زياد کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ دشمنن کي ڪڍي ڇڏيو تہ سمجهو نيڪ نيت سان گهرائن ٿا ۽ جيڪڏهن هو انهن تي قابض ۽ دشمن موجود آهن تہ هرگز اهي حضور کي پلائي جي طرف نٿا گهرائن، مون کي انديشو آهي تہ گهرائڻ وارا ئي مقابلو ڪندا.“ فرمايائون: ”مان استخارو ڪندس.“ عبدالله ابن عباس (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا) وري آيا ۽ چيائون: ”ياءُ صبر ڪرڻ چاهيان ٿو پر صبر نٿو اچي، مونکي توهان جي ان وڃڻ ۾ شهيد ٿيڻ جو انديشو لڳي ٿو، عراقي وعدي جا ڪوڙا آهن، انهن توهان جي پيءُ کي شهيد ڪيو، توهان جي ڀاءُ جو ساٿ نہ ڏنو، توهان اهلِ عرب جا سردار آهيو، عرب ۾ ئي قيام رکو يا عراقين کي لکو تہ هو ابنِ زياد کي ڪڍي ڇڏين، جيڪڏهن ائين ٿي وڃي تہ تشريف کڻي وڃو ۽ جيڪڏهن توهان کي وڃڻو

ئي آهي تہ يمن وڃڻ جو ارادو فرمايو اتي قلعا آهن، واديون آهن اهو ملڪ وسيع زمين رکي ٿو.“ فرمايائون: ”ياءُ خدا جو قسم! مان توهان کي ناصح (نصيحت ڪندڙ) مشفق (مهربان) سمجهان ٿو پر مون تہ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي.“ پوءِ عرض ڪيائون: ”تہ ٻيبين ۽ ٻارن کي تہ گڏ نہ وٺي وڃو.“ اهو بہ منظور نہ ٿيو.

عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا پيارا ياءُ! پيارا ياءُ ! چئي ڪري روئڻ لڳا.

اهڙي طرح عبدالله ابنِ عمر منع ڪيو، نہ مڃيائون، انهن پيشاني مبارڪ چمي ڪري چيو:”اي شهيد ٿيڻ وارا مان توکي خدا عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿو.“

ائين ئي عبدالله ابن زبير (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ) روڪيو، فرمايائون: ”مون پنهنجي والد ماجد کان ٻڌو آهي تہ هڪ دنبي جي سبب کان مڪي جي بي حرمتي ڪئي ويندي، مان پسند نٿو ڪريان تہ اهو دنبو مان ٻڻجان، جڏهن روانہ ٿي چڪا، رستي ۾ سندن جي چاچي جي پُٽ حضرت عبدالله ابن حضرت جعفر طيار (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا) جو خط مليو، لکيل هو، ”تورو ترسو مان بہ اچان ٿو.“

حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن عمرو بن سعيد حاڪم مڪي کان امام مظلوم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي لاءِ هڪ خط ”امان ۽ واپس گهرائڻ جو“ گهريو، انهن لکي ڇڏيو ۽ پنهنجي ياءُ يحيٰ بن سعيد کي واپس وٺي اچڻ لاءِ گڏ ڪري ڇڏيو. ٻئي حاضر ٿي هٿ ٻڌا پير پڪڙيا جو واپس تشريف وٺي هلو، پاڻ مقبول نہ ڪيائون، فرمايائون ”مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خواب ۾ ڏٺو آهي ۽ مون کي هڪ حڪم ڏنو ويو آهي، ان جي تعميل ڪندس، پوءِ سر وڃي يا بچي“. پڇيائون: اهو خواب ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: ”جيستائين زنده آهيان ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس.“ اهو فرمائي ڪري روانہ ٿي ويا. (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 399)

نظم

سب نے عرض کہ شہزادہ حیدر مت جا
اے حسین، ابن علی، سبط پیمبر مت جا

صدمے واں پہنچے علی اور حسن کو کیا کیا
جانا کوفہ کا تو ہر گز نہیں بہتر مت جا

حق نما آئینہ ہے رخ ترا اندھے ہیں وہی
لے کے اندھوں میں یہ آئینہ سکندر مت جا

سنگِ باراں سے بچا جام بلوریں اپنا
ایسے لوگوں میں جو پتھر سے ہیں بدتر مت جا

گلِ شادابِ نبی اپنے چمن سے نہ نکل
نازنیں پھول سے تو کانٹوں کے اندر مت جا

بوسعید، ابن عمر، جابر، وابن عباس
تھا یہی کلمہ سب اصحاب کے لب پر مت جا

بیدل اس شاہ کو مقتل میں قضا لے ہی گئی
کہتے سب رہ گئے اے دین کے سرور مت جا

جڏهن امام جو ڀاءُ امام محمد بن حنفيہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي امام جي وڃڻ جي خبر پهتي، تال ۾ وضو ڪري رهيا هئا، ايتري قدر رُنا جو تال ڳوڙهن سان ڀرجي ويو، امام تورو پري پهتا تہ فَرَزدَق شاعر ڪوفي کان ايندي مليا، ڪوفين جو حال پڇيائون، انهن عرض ڪيو: ”اي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جگر جا ٽڪرا انهن جون دليون حضور سان گڏ آهن ۽ انهن جون تلوارون بني اميہ سان گڏ، قضا آسمان تان لهندي آهي ۽ خدا جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي.“

## ابن زياد جي طرف کان ناڪا بندي

مقصد هيڏانهن تہ امام (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) روانہ ٿيا، هوڏانهن ابن زياد بد نهاد فساد جو باني ان کي اها خبر پهتي، قادسيہ کان خفان ۽ ڪوه لعلع ۽ قطقطانہ تائين فوج سان ناڪہ بنديون ڪرائي ڇڏيون ۽ قيامت تائين مسلمانن جي دلين کي گهائل ڪرڻ ۽ ڪليجن ۾ گهاءُ وجهڻ جي بنياد وجهي ڇڏي. امام مظلوم (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) قيس بن مسهر کي پنهنجي تشريف آوري جي اطلاع ڏيڻ جي لاءِ ڪوفي موڪليو، جڏهن هي قادسيہ پهتا، ابن زياد جا سپاهي گرفتار ڪري ان خبيث وٽ وٺي ويا. ان مردود چيو: ”جيڪڏهن جان جي خير گهرين تو تہ هن ڇت تي چڙهي

ڪري حسين کي گاريون ڏي“ اهو ٻڌي ڪري هو خاندانِ نبوت جو فدائي اهلِ بيتِ رسالت جو شيدائي ڇت تي ويو ۽ الله تبارڪ و تعالٰي جي حمد ۽ ثنا کان پوءِ بلند آواز سان چوڻ لڳا: ”حسين! اڄ تمام جهان کان افضل آهن، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي فاطمہ زهرا (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) جي جگر جا حصا آهن، مولٰي علي (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جي اکين جا نور دل جا سرور آهن انهن جو قاصد آهيان، انهن جو حڪم مڃيو ۽ انهن جي اطاعت ڪريو“ پوءِ چيو: ابن زياد ۽ ان جي پيءُ تي لعنت. آخرڪار ان مردود غصي ۾ اچي ڪري حڪم ڏنو تہ ڇت تان هن کي ڪيرائي ڪري شهيد ڪيو وڃي. (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 402)

ان وقت ان سچي عاشق جو بيقرار دل، امامِ عرش مقام جي طرف منهن ڪري التجا جي لهجي ۾ عرض ڪري رهيو آهي:

بجرم[1] عشقِ تو ام مے کشند غوغائیست
تو نیز بر سر بام آکہ خوش تماشائیست

## زهير بن قين بجلي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي معيت

امام مظلوم(رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) اڳتي وڌيا تہ رستي ۾ زُهَير بن قين بجلي (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) مليا، هي حج تان واپس اچي رهيا هئا ۽ مولٰي علي (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) سان ڪجھ رنجش رکندا هئا. سچو ڏينهن امام سان گڏ رهندا هئا.رات جو الڳ رهندا هئا، هڪ ڏينهن امام گهرائي ورتو ناخوشيءَ سان آيا، خدا ڄاڻي ڇا فرمائي ڇڏيو ۽ کهڙي ادا سان دل کسي ورتي جو هاڻي جيڪو واپس آيا تہ پنهنجو سامان امام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سامان ۾ رکي ڇڏيو ۽ ساٿين کي چيائون: جيڪو مون سان گڏ رهڻ چاهي

[1] يعني تنهنجي عشق جي جرم ۾ مونکي قتل ڪن ٿا ان لاءِ گوڙ ۽ شور آهي تون بہ ڇت تي اچي ڏس تہ ڏاڍو خوبصورت نظارو آهي.

اهو رهي نہ تہ هيءَ ملاقات آخري ملاقات آهي، پوءِ پنهنجو سامان کڻي اچڻ ۽ امام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان گڏ ٿيڻ جو سبب بيان ڪيو تہ شهر بلنجر ۾ اسان جهاد ڪيو، اهو فتح ٿيو ڪثير غنيمتون ملڻ تي اسان ڏاڍا خوش ٿيا سين. حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن فرمايو: ”جڏهن توهان جوانانِ آلِ محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سردار کي ڏسو تہ انهن سان گڏ دشمن سان وڙهڻ تي هن کان وڌيڪ خوش ٿجو.“ هاڻ اهو وقت اچي ويو، مان توهان سيني کي خدا جي حوالي ڪيان ٿو. پوءِ پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ڪري چيو: ”گهر وڃ، مان نٿو چاهيان تہ منهنجي سبب سان توکي ڪو نقصان پهچي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 403)

خدا ڄاڻي انهن سهڻي صورت وارن جي ادائن ۾ ڪهڙي قيامت جي ڪشش رکي وئي آهي، هي جنهن کي هڪ نظر ڏسي وٺندا آهن، اهو هر طرف کان ڇُٽي ڪري انهن جو ئي ٿي ويندو آهي. پوءِ نہ يارن سان ياري رهندي آهي نہ گهرواري ۽ فرزند جي پاسداري. آخر هي اهي ئي زُهَير تہ آهن جيڪي مولٰي علي (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) سان رنجش رکندا ۽ رات جو امام کان ڌار رهندا هئا، هي انهن کي ڇا ٿي ويو ۽ ڪهڙي ادا روڪي رکيو جو عزيزن جو ساٿ ڇڏي، عورت کي طلاق ڏيڻ تي مجبور ٿي ڪري دل سان جان ڏيڻ ۽ مصيبتون برداشت ڪري شهيد ٿيڻ تي تيارٿي ويا.

## امام مسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شهادت جي خبر

هاڻ هي قافلو اڃان اڳتي وڌيو تہ ابن اشعث جو موڪليل ماڻهو مليو، جيڪو حضرت مسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وصيت تي عمل ڪرڻ جي مقصد سان موڪليو ويو هو، ان سان حضرت مسلم (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) جي شهادت جي خبر معلوم ٿيڻ تي ڪجھ ساٿين امام کي قسم ڏنو تہ هتان کان ئي واپس هلو. مسلم شهيد (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) جي عزيزن چيو: ”اسان ڪهڙي طرح بہ واپس نٿا وڃي سگهون، يا ناحق خون جو بدلو وٺنداسين يا مسلم مرحوم (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) سان وڃي ملنداسين.“

امام فرمايو: ”توهان کان پوءِ زندگي بيڪار آهي.“ پوءِ جيڪي ماڻهو رستي مان گڏ ٿيڻ لڳا ها انهن کي ارشاد فرمايو: ”ڪوفين اسان کي ڇڏي ڏنو آهي هاڻي جنهن کي وڃڻو هجي هليو وڃي، اسان کي ڪجهه بہ بُرو نہ لڳندو.“ اهو ان سبب فرمايو هئائون تہ ماڻهو اهو سمجهي ڪري گڏ ٿيا هئا تہ امام اهڙي جڳهه تشريف کڻي وڃي ٿو جتان جا ماڻهو بيعت ۾ داخل ٿي ويا آهن، اهو ٻڌي ڪري سواءِ انهن ڪجهه ماڻهن جي جيڪي مڪي کان گڏ هليا هئا، سيئي پنهنجي پنهنجي رستي ڏانهن هليا ويا. پوءِ هڪ ٻيو عربي مليو، عرض ڪيائين تہ ”هاڻ تلوارن ۽ نيزن ڏانهن وڃڻو آهي توهان کي قسم آهي واپس وڃو.“ فرمايائون: ”جيڪو خدا چاهيندو آهي اهو ٿي رهندو آهي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 403)

## حضرت حُر رضی اللہ تعالٰی عنہ جي آمد

هاڻي امامِ عالي مقام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ علاقي شراف جي منزل کان اڳتي وڌيا آهن. هي ٻنپهرن جو وقت آهي، اوچتو هڪ صاحب بلند آواز سان چيو الله اڪبر، فرمايائون: ”ڇا ٿيو؟ “چيائين: ”کجيءَ جا وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.“ قبيلي بني اسد جي ٻن ماڻهن چيو: ”هن زمين ۾ کجيءَ جا وڻ ڪڏهن بہ نہ هئا.“ فرمايائون: ”پوءِ ڇا آهي؟“ عرض ڪيو: ”سوار معلوم ٿين ٿا.“ فرمايائون: ”منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي. تہ پوءِ هتي ڪا پناهہ جي جڳهه آهي جو ان جي پٺ ونئي ڪري اطمينان سان دشمن جو مقابلو ڪري سگهون.“ چيائين: ”ها! ڪوہ ذو حسم، جيڪڏهن حضور انهن کان پهرين ان تائين پهچي ويا.“

اهي ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ سوار نظر آيا ۽ امام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ سبقت فرمائي ڪري جبل ڏانهن وڌيا، جڏهن هو وڌيڪ قريب آيا تہ معلوم ٿيو تہ حُر آهن جيڪي هڪ هزار سوارن تي افسر بڻائي امام (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ) کي ابن زياد بد نهاد وٽ وٺي وڃڻ جي لاءِ موڪليا ويا آهن، اهي نيڪ ٻنپهرن ۾ اصحابِ امام جي سامهون آيا، مالڪِ ڪوثر

جي پٺ حڪم ڏنو تہ ”انهن کي ۽ انهن جي گھوڙن کي پاڻي پياريو“ امام (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جي ساٿين پاڻي پياريو.

جڏهن ظهر جو وقت ٿيو، امام مؤذن کي اذان جو حڪم ڏنو، پوءِ انهن ماڻهن سان فرمايائون: ”توهان جي طرف منهنجو اچڻ پنهنجي مرضي سان نہ ٿيو، توهان خط ۽ قاصد موڪلي مونکي گھرايو، هاڻي جيڪڏهن اطمينان جو اقرار ڪريو، تہ مان توهان جي شهر هلان نہ تہ واپس وڃان.“ڪنهن بہ جواب نہ ڏنوءِ مؤذن کي چيائون: تڪبير پڙهو. امام (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) حُر کي فرمايو: ”پنهنجي ساٿين کي تون نماز پڙهائيندين؟“ چيائين: ”نہ، توهان پڙهايو اسان سڀ مقتدي آهيون.“ نماز کان پوءِ حر، پنهنجي مقام تي ويو، امام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ الله تعاليٰ جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ انهن ماڻهن کي فرمايائون: جيڪڏهن توهان الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ حق کي صحيح سڃاڻيو تہ خدا جي رضامندي ان ۾ ئي آهي جو اسان اهلبيت انهن ظالمن جي مقابلي ۾ حاڪم ٿيڻ جا مستحق آهيون، جيڪڏهن توهان اسان کي ناپسند ڪيو ۽ اسان جو حق نہ سڃاڻيو ۽ پنهنجي خطن ۽ قاصدن جي خلاف اسان جي باري ۾راءِ رکڻ چاهيو تہ مان واپس وڃان.“

حر عرض ڪيو: ”والله! اسان نٿا ڄاڻون ڪهڙا خط ۽ ڪهڙا قاصد؟ امام بہ ٿيلا پريل خط ڪڍي سامهون رکي ڇڏيا. حر چيو: ”مان خط موڪلڻ وارن ۾ ناهيان، مونکي تہ هي حڪم ڏنو ويو آهي تہ جتي بہ توهان کي ڏسان ڪوفي، ابن زياد وٽ پهچايان.“ فرمايائون: ”تنهنجي موت ويجهو آهي ۽ ارادو پري.“ پوءِ ساٿين کي حڪم ڏنو تہ ”واپس هلون.“ حر روڪيو. ”فرمايائون: تنهنجي ماءُ توتي روئي! تون ڇا ٿو چاهين؟“ چيائين: ٻڌو!خدا جو قسم! توهان کان سواءِ سڄي عرب ۾ ڪو ٻيو اها ڳالهہ ڪري ها تہ مان ان جي ماءُ کي برابر اهو جوان ها چاهي ڪير بہ هجي، پر والله! توهان جي ماءُ جو نالو پاڪ تہ مان اهڙي موقعي تي وٺي ئي نٿو سگھان.“ فرمايائون: ”آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي.“ عرض

ڪيائون: ”ابن زياد وٽ حضور جو وڃڻ ٺيڪ نه آهي.“ فرمايائون: ”ته مان توسان گڏ نه ويندس.“ چيائين: ”ته خدا جو قسم! توهان کي نه ڇڏيندس.“

جڏهن ڳالھ وڌي ۽ حر ڏٺو امام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هيئن ته راضي نه ٿيندا ۽ ڪا گستاخي ڪرڻ به انهن جي ايمان اجازت نه ڏني ته عرض ڪيائون ته ”مان سچو ڏينهن ته حضور کان الڳ نٿو ٿي سگهان، ها جڏهن شام ٿئي ته توهان مونکان عورتن ڏي وڃڻ جو عذر فرمائي ڪري الڳ ٿجو ۽ رات ۾ ڪنهن به وقت موقعو وٺي تشريف کڻي وڃجو، مان ابن زياد کي ڪجھ لکي موڪليندس. شايد الله تعاليٰ اهڙي ڪا صورت پيدا ڪري جو مان ڪنهن نا مناسب معاملي ۾مبتلا ٿي ڪري همت نه ڪري سگهان. (الکامل في التاريخ، ج. 3، ص. 407)

## ﴿ڪوفين جي بي وفائي ۽ قيس بن مسهر جي شهادت جي خبر﴾

جڏهن ”عذيب الهجانات“ پهتا، ڪوفي کان چار ماڻهو ايندي مليا، حال پڇيائون، مجمع بن عبيد الله عامري عرض ڪيو: ”شهر جي رئيسن کي وڏين رشوتن سان توڙيو ويو ۽ انهن جي ٿيلين کي روپين اشرفين سان پريو ويو آهي هو ته سڀ گڏ ٿي حضور جي مخالف ٿي ويا. رهيو عوام انهن جون دليون حضور رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي طرف جهڪيل آهن ۽ سڀاڻي انهن جون ئي تلوارون حضور تي ڪسيل هونديون.“ فرمايائون: ”منهنجي قاصد قيس جو ڪهڙو حال آهي؟“ چيائون: ”قتل ڪيا ويا.“ امام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بي اختيار روئي ڏنو ۽ فرمايائون: ”ڪو پنهنجي منت پوري ڪري چڪو ۽ ڪو انتظار ۾ آهي، الٰهي! اسان کي ۽ انهن کي جنت ۾ جمع فرماءِ.“

طرماح بن عدي عرض ڪيو: ”اوهان سان گڏ تورا ماڻهو آهن جيڪڏهن حر جي جماعت ئي اوهان سان وڙهي ته ڪفايت ڪري سگهي ٿي، نه ئي اها جماعت جيڪا هُتان هلڻ کان هڪ ڏينهن پهرين مون ڪوفي ۾ ڏٺي هئي، جيڪا اوهان جي طرف روانگي جي لاءِ تيار آهي. مون پنهنجي عمر ۾ ايتري وڏي فوج ڪڏهن به نه ڏٺي، مان حضور کي قسم ڏيان ٿو ته

جيڪڏهن انهن کان هڪ گرانٽ جيتري بہ جدائيءَ جي قدرت هجي تہ ائين ئي ڪيو ۽ جيڪڏهن اها جڳهہ منظور هجي جتي باذنِ الله تعالٰي آرام ۽ اطمينان سان قيام فرمائي ڪري تدبير فرمايو تہ مون سان گڏ ڪوهِ آجاء جي طرف هلو، والله ان جبل جي سبب سان اسان غسان ۽ حمير ۽ نعمان بن المنذر بادشاهن بلڪ عرب ۽ عجم جي سڀ حملن کان محفوظ رهياسين.“ حضور! اتي ترسي ڪري آجاء ۽ سلمي جي رهڻ وارن کي فرمايو، خدا جو قسم! ڏهہ ڏينهن نہ گذرندا جو قومِ طئي جا سوار ۽ پيادل حاضرِ خدمت ٿيندا، پوءِ جيستائين مرضي مبارڪ هجي تہ اسان وٽ رڪجو ۽ جيڪڏهن پيش قدمي جو قصد هجي تہ بني طئي مان ويهہ هزار جوان حضور سان گڏ ڪري ڇڏڻ منهنجو ذمو آهي، جيڪي حضور جي سامهون تلوار هلائيندا ۽ جيسيتائين انهن مان ڪو بہ شخص باقي رهندو تہ حضور تائين دشمن نہ پهچي سگهندا. ارشاد ٿيو: ”الله توهان کي سٺي جزا ڏي، اسان جي ۽ ڪوفين جي ڪجهہ ڳالهہ ٿي وئي آهي جنهن تان اسان ڦري نہ ٿا سگهون.“ اهو فرمائي ڪري انهن کي رخصت ڪيو.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 409)

## ﴿امام عالي مقام رضی اللہ تعالٰی عنہ جو خواب ڏسڻ﴾

امام رستي ۾ هڪ خواب ڏٺو، جاڳيا تہ ”اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُون وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡن“ فرمائيندي اٿيا. امام زين العابدين رضی اللہ تعالٰی عنہ عرض ڪيو: ”اي منهنجا بابا! مان توهان تي قربان، ڪهڙي ڳالهہ ملاحظ فرمائي؟“ فرمايائون: ”خواب ۾ هڪ سوار ڏٺو، چئي رهيو هو ماڻهو هلي رهيا آهن ۽ انهن جون قضائون انهن جي طرف هلي رهيون آهن مون سمجهيو اسان کي اسان جي قتل جي خبر ڏني پئي وڃي.“ حضرت امام زين العابدين (رضی اللہ تعالٰی عنہ) چيو: ”الله توهان کي ڪا برائي نہ ڏيکاري، ڇا اسان حق تي ناهيون.“ فرمايائون: ”ضرور آهيون.“ عرض ڪيائون: ”جڏهن اسان حق تي جان ڏيون ٿا ۽ قربان ٿيون ٿا، تہ ڪهڙي پرواهہ آهي.“ فرمايائون: ”الله توهان کي انهن سيني جزائن کان بهتر جزا ڏي جيڪا ڪنهن پٽ کي ڪنهن پيءُ جي طرف کان ملي“.

(الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 411)

## ﴿ابن زياد جي طرف کان امام عرشِ مقام رضی اللہ تعالیٰ عنہ تي سختي جو حڪم﴾

جڏهن نينوٰي پهتا ته هڪ سوار ڪوفي کان ايندي مليو، ان حرڪي ابن زياد جو خط ڏنو، لکيل هو: ”حسين تي سختي ڪجان جتي لهن، ميدان تي لهن، پاڻي کان پري رهن هي قاصد برابر تو سان گڏ رهندو ايستائين جو مونکي خبر ڏي ته تو منهنجي حڪم جي ڪهڙي تعميل ڪئي.“ حر خط پڙهي امام سان گذارش ڪئي ته ”مونکي حڪم آيو آهي مان هن جي خلاف نٿو ڪري سگهان جو هي قاصد مون تي جاسوس بڻائي موڪليو ويو آهي.“

زهير بن قين عرض ڪيو: ”خدا جو قسم! ان کان پوءِ جيڪو ڪجهه ايندو اهو ان کان گهڻو سخت ٿيندو ان ٽولي جو قتال اسان کي اڳتي اچڻ واري قتال کان آسان آهي.“ ارشاد ٿيو: ”اسان ابتدا نه فرمائيندا سين.“ اهي ئي ڳالهيون ٿي رهيون هيون جو سج لهي ويو ۽ محرم جي ٻي رات جو چنڊ پنهنجي هلڪي هلڪي روشني ڏيکارڻ لڳو، ٻئي لشڪر الڳ الڳ رُڪيا. (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 411)

## ﴿نواسئہ رسول جي رات ۾ روانگي﴾

هاڻي اوير جي ڪنارن کان اونداهيون وڌنديون اچن ٿيون ۽ بزمِ فلڪ جا ڏيئا (يعني ستارا) روشن ٿيندا پيا وڃن، فضائي عالم جاسياح ۽ خدا جي آزاد مخلوق پکي بولي ڪري خاموش ٿي ويا آهن، زماني جي رفتار ٻڌائڻ واري گهڙي ۽ عمرن جو حساب سمجهائڻ واري جنتري اسلامي سال جي جنتري جنهن کي قدرت جي زبردست هٿ قديم بلندي جي حد تائين پهچائي ڇڏيو آهي، ڪجهه پنهنجون دلڪش ادائون ڏيکاري روپوش ٿي وئي، اونداهين جو رنگ اجا ٻه ڳهاٽو ٿي ويو آهي. نگاهون جيڪي تقريبن ٻه ڪلاڪ پهرين دنيا جي وسيع آبادي ۾ پري جي شين کي اطمينان سان مڪمل ڏسنديون ۾ پرکي سگهنديون هيون، هاڻي هي ٿوري فاصلي

تي بہ ڪم ڏيڻ ۾ منجهي بلڪ ناڪام رهجي وينديون آهن ۽ جيڪڏهن ڪجھ نظر بہ اچي ويندو آهي تہ رات جو سياه انڌيرو ان کي صاف معلوم ٿيڻ کان روڪيندو آهي. وقت جي گهٽي گذرڻ ۽ ڳالھ ٻولھ جي رڪجي وڃڻ خاموشي پيدا ڪري ڇڏي آهي رات اڃا بہ خطرناڪ ٿي وئي آهي. جاڳيل رات تارن جون اکيون جهڪيل آهن سمهڻ وارا گهري ننڊ سمهي رهيا آهن، ننڊ جو جادو زماني تي هلي رهيو آهي. حر جي لشڪر تي گهري ننڊ ڇانئجي وئي ، امام جنت مقام جنهن ايتري رات انهي ئي موقعي جي انتظار ۾ جاڳي جاڳي ڪري گذاري آهي، اُتان هلڻ جون تياريون فرمائي رهيا آهن، سامان جيڪوشام کان ٻڌي رکيو هو لڏيو ويو ۽ عورتن ٻارن کي سوار ڪيو ويو. هاڻي هي مقدس قافلو ان اونداهيءَ رات ۾ فقط ان آسري تي روانو ٿي ويو آهي جو رات گهٽي آهي دشمن سمهندا رهندا ۽ اسان انهن کان صبح ٿيڻ تائين گهڻو اڳتي نڪري وينداسين، باقي رات هلندي ۽ سوارين کي تيز هلائيندي گذرندي.

## ﴿ميدانِ ڪربلا ۾ آمد﴾

هاڻي تقدير جون خوبيون ڏسو تہ مظلومن جي صبح ٿئي ٿي تہ ڪٿي، ڪربلا جي ميدان ۾، الله اڪبر!، هي محرم الحرام 61 هجري جي ٻي تاريخ ۽ خميس جو ڏينهن آهي. عمرو بن سعد پنهنجو لشڪر وٺي امام جي مقابلي تي اچي ويو، ان بد بخت کي ابن زياد بد نهاد ڪفار ديلم جي جهاد تي مقرر ڪيو ۽ فتح جي صلي ۾ حڪومت ”رَي“ جو فرمان لکي ڇڏيو هو. امام مظلوم جي خبر ٻڌئين، بد نصيب جي نيت بُرائي تي آئي، گهرائي ڪري چيائين تہ ”هوڏانهن جو ارادو ملتوي ڪر، پهرين حسين سان مقابلو ڪر، فارغ ٿي ڪري هوڏانهن وڃجان.“ ان چيو: ”مونکي معاف ڪر.“ چيائين: ”بهتر آ پر ان شرط تي جو اسان جو نوشتا (دستاويز) واپس ڏي.“ هن هڪ ڏينهن جي مهلت گُهري دوستن سان مشورو ڪيو، سڀني منع ڪيو ۽ ان جي ڀاڻيجي حمزه بن مغيره بن شعبہ چيو، ”اي ماما! مان توکي خدا جو قسم ڏيان ٿو تہ حسين سان مقابلو ڪري گناهگار نہ ٿجان! الله جو

قسم! جيڪڏهن سڄي دنيا تنهنجي سلطنت ۾ هجي ان کي ڇڏي ڏيڻ ان کان آسان آهي جو تون خدا سان حسين جو قاتل ٿي ڪري ملين“. چيائين: ”نہ ويندس.“ پر ناپاڪ دل ۾ سوچ وچار رهيو، رات جو آواز آيو ڪو چوي ٿو،

اَاَتْرُكُ مُلْكَ الرَّيِّ وَالرَّيِّ رَغْبَةً      اَمْ اَرْجِعُ مَذْمُوْمًا بِقَتْلِ حُسَيْنٍ

وَفِيْ قَتْلِهِ النَّارُ الَّتِيْ لَيْسَ دُوْنَهَا      حِجَابٌ وَمُلْكُ الرَّيِّ قُرَّةُ عَيْنٍ

چيو: ري جي حڪومت ڇڏي ڏيان! ۽ اها وڏي پسنديده شيء آهي، يا قتل حسين رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جي مذمت برداشت ڪيان ۽ ان جي قتل ۾ اها باھ آهي جنهن جي روڪ ناهي ۽ ري جي سلطنت اکين جي ٺڏاڻ آهي. (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 412)

## امام مظلوم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي پاڻي بند ٿيڻ

آخر امامِ مظلوم جي قتل جي راءِ قرار ٿي، بي دينن ”اَلدِّيْنُ[1] مَزْرَعَةُ الدُّنْيَا“ جي مطابق فرات جي وادين تي پنج سئو سوار موڪلي ڪري، ساقيء ڪوثر جي پٽ تي پاڻي بند ڪيو. هڪ رات امام گهرائي ورتو، ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ دير تائين ڳالهيون ٿيون، امام سمجهايو تہ ”اهلِ باطل جو ساٿ ڇڏ.“ چيائين ”منهنجو گهر ڍاهيو ويندو.“ فرمايائون ”ان کان سنو ناهرائي ڏيندس.“ چيائين ”منهنجي جائيداد کسجي ويندي.“ ارشاد ٿيو: ان کان سني عطا فرمائيندس.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 413)

## ابن سعد جو ابن زياد ڏي خط ۽ شمر جو امام جي خلاف ورغلائڻ

ٽي چار راتيون اهي ئي ڳالهيون هليون، جنهن جو اثر ايتري قدر ٿيو جو ابن سعد هڪ صلح وارو خط ابن زياد کي لکيو تہ ”حسين چاهن ٿا يا تہ مونکي واپس وڃڻ ڏيو يا يزيد وٽ وڃي هلو يا ڪنهن

[1] (دين دنيا جي پوک آهي.) سچ آهي:

خدا جب عقل لیتا ہے حماقت آہی جاتی ہے۔

اسلامي سرحد تي هليو وڃان، ان ۾ تنهنجي مراد حاصل آهي.“ حالانڪ امام يزيد پليت وٽ وڃڻ جو بلڪل نہ فرمايو هو، ابن زياد خط پڙهي ڪري چيو ”بهتر آهي.“ شمر ظالم خبيث چيو: ”ڇا اهي ڳالهيون مڃي ٿو! خدا جو قسم! جيڪڏهن حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ بغير تنهنجي اطاعت ڪري هليا ويا تہ انهن جي لاءِ عزت ۽ قوت هوندي ۽ تنهنجي لاءِ ڪمزوري ۽ ذلت، ايئن نہ بلڪ تنهنجي حڪم سان وڃي، جيڪڏهن تون سزا ڏين تہ مالڪ آهين ۽ جيڪڏهن تون معاف ڪرين تہ تنهنجو احسان آهي، مون ٻڌو آهي تہ حسين ۽ ابنِ سعد جي وچ ۾ سڄي سڄي رات ۾ ڳالهيون ٿينديون آهن.“ ابن زياد چيو: ”تنهنجي راءِ مناسب آهي تون منهنجو خط ابنِ سعد وٽ ڪٽي وڃ جيڪڏهن هو مڃي تہ ان جي اطاعت ڪجان نہ تہ تون لشڪر جو سردار آهين ۽ ابن سعد جو سر ڪٽي ڪري مون ڏانهن موڪلي ڇڏجان.“ پوءِ ابن سعد کي لکيو تہ ”مون توکي حسين ڏانهن ان ڪري موڪليو هو تہ تون ان کان لا تعلق ٿي يا اميد ڏيارين ۽ ڍيگهہ ڏين يا ان جو سفارشي بڻجي وڃين. ڏس! حسين کي منهنجي فرمانبرداري جو چئو جيڪڏهن مڃي وڃي تہ مطيع بڻائي ڪري هتي موڪل نہ تہ ان کي ۽ ان جي ساٿين کي قتل ڪر جيڪڏهن تون اسان جو حڪم مڃيندي تہ توکي فرمانبرداري جو انعام ملندو نہ تہ اسان جو لشڪر شمر جي لاءِ ڇڏي ڏي.“

جڏهن شمر خط ورتو تہ عبدالله ابن ابي المحل بن حزام ان سان گڏ گڏ ان جي ڦُڦِي اُم البنين بنت حزام موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي زوجہ ۽ موليٰ علي جا پُٽَ، حضرت عباس ۽ عثمان ۽ عبدالله ۽ جعفر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمْ جي والده هيون. ان ابن زياد سان پنهنجي اُن ڦُڦاٽن (ڦڦيءَ جي پٽن ) جي لاءِ امان گُهري، هن لکي ڇڏي. اهو خط ان انهن صاحبن وٽ موڪليو، انهن فرمايو: ”اسان کي تنهنجي امان جي ضرورت ناهي ابن سميہ جي امان کان الله تعاليٰ جي امان بهتر آهي.“ (الکامل في التاريخ، ج. 3، ص. 414)

## ﴿شمر جو ابن سعد وٽ اچڻ﴾

جڏهن شمر ابن سعد کي ابن زياد بد نهاد جو خط ڏنو، ان چيو: ”تنهنجو برو ٿئي، منهنجو خيال آهي تہ تو ابن زياد کي منهنجي تحرير تي عمل ڪرڻ کان ڦيري ڪم بگاڙي ڇڏيو، مونکي صلح ٿيڻ جي پوري اميد هئي، حسين ڪڏهن بہ اطاعت قبول نہ ڪندا خدا جو قسم! ان جي پيءُ جي دل ان جي اڳيان آهي.“ شمر چيو: ”هاڻي تون ڇا ڪرڻ چاهين؟“ چيائين: ”جيڪو ابن زياد لکيو آهي.“ شمر امام جي ساٿين مان عباس ۽ ان جي حقيقي ڀائرن کي گهرائي چيو: ”اي ڀاڻيجؤ! توهان کي امان آهي.“ اهي چوڻ لڳا: ”الله جي لعنت توتي ۽ تنهنجي امان تي، مامو تي ڪري اسان کي امان ڏين تو ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٽ جي لاءِ امان ناهي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 414)

## ﴿خواب ۾ جدِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تشريف آوري﴾

هي خميس جي شام ۽ محرم 61 هجري جي نائين تاريخ آهي ان وقت سردار جوانانِ جنت سان مقابلي ۾ جهنمي لشڪر کي حرڪت ڏني وئي آهي ۽ اهي شهادت جي جام جا مست حيدرِ ڪرارجا شينهن، خيمہ اطهر جي سامهون وڙهڻ لاءِ تيار جلوه فرما آهن، اک لڳي وئي آهي، خواب ۾ پنهنجي جدِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو اٿن تہ پنهنجي جگر جي ٽڪري جي سيني تي هٿ مبارڪ رکي فرمائي رهيا آهن ”اَللّٰهُمَّ اَعْطِ الْحُسَيْنَ صَبْرًا وَّ اَجْرًا“ الٰهي! حسين کي صبر ۽ اجر عطا ڪر. ۽ ارشاد ٿئي ٿو تہ ”هاڻي عنقريب اسان سان ملندي ۽ پنهنجو روزو اسان وٽ اچي افطار ڪندي.“ جوشِ مسرت ۾ امام جي اک کلي وئي، ڏٺائون تہ دشمن حملي جو قصد ڪري رهيا آهن، جمعي جي خيال ۽ پوين کي وصيت ڪرڻ جي مقصد سان امام هڪ رات جي مهلت گهري، ابن سعد مشورو ورتو عمرو بن حجاج زبيدي چيو: ”جيڪڏهن ديلم جا ڪافر بہ توکان هڪ رات جي مهلت گهرن تہ ڏيڻ گهرجي. مطلب تہ مهلت ڏني وئي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 415)

## ﴿امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي لشکر سان مقابلي جي تياري﴾

هتي اها ڪاروائي ٿي جو سڀ خيمہ هڪ ٻئي جي قريب ڪيا ويا، طنبوءَ جون رسيون پاڻ ۾ ملايون ويون، خيمن جي پٺيان کڏ کوٽي ڪري نرڪل (نرسل) وغيره خشڪ ڪاٺين سان پري ڇڏيون، هاڻي مسلمان انهن ڪمن کان فارغ ٿي ڪري امام جي خدمت ۾حاضر ٿيا آهن ۽ امام پنهنجي گهروارن ۽ ساٿين سان فرمائي رهيا آهن: ”صبح اسان کي دشمن سان ملڻو آهي، مان خوشي سان توهان سڀني کي اجازت ڏيان ٿو، هينئر رات باقي آهي جتي جڳهہ ڏسو هليا وڃو ۽ هڪ هڪ ماڻهو منهنجي اهلِ بيت مان هڪ هڪ کي گڏ وٺي وڃي، الله تعاليٰ توهان سڀني کي جزاءِ خير ڏي. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ جدا جدا ٿي وڃو، ايستائين جو الله تعاليٰ مصيبت ٽاري، دشمن جڏهن مونکي ڏسندا تہ توهان جو پيڇو نہ ڪندا.“ اهو ٻڌي ڪري امام جي ڀائرن، صاحبزادن، ڀائٽين ۽ عبدالله ابنِ جعفر جي پٽن عرض ڪيو: ”اهو اسان ڪنهن لاءِ ڪيون ان لاءِ جو توهان کان پوءِ زندهہ رهون، الله اسان کي اهڙو منحوس ڏينهن نہ ڏيکاري جو توهان نہ هجو ۽ اسان باقي هجون.“

مسلم شهيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڀائرن کي فرمايو: ”توهان کي مسلم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو قتل ئي ڪافي آهي مان اجازت ڏيان ٿو، توهان هليا وڃو، عرض ڪيائون: ۽ اسان ماڻهن کي وجي ڇا چونداسين؟ اهو چئون تہ ”پنهنجي سردار، پنهنجي آقا، پاڻ ۾ سڀ کان سٺي ڀاءُ کي دشمن جي گهيري ۾ ڇڏي آيا آهيون، نہ انهن سان گڏ تير اڇلايا، نہ نيزا هنياسين، نہ تلوارون هلايون سين ۽ اسان کي خبر ئي ناهي تہ اسان جي وڃڻ کان پوءِ انهن تي ڇا گذريو، خدا جو قسم! اسان ڪڏهن بہ ائين نہ ڪنداسين بلڪ پنهنجون جانيون، پنهنجا ٻارٻچا توهان جي قدمن تي فدا ڪري ڇڏينداسين، توهان تي قربان ٿي مري وينداسين الله ان زندگي کي ٻُرو ڪري جيڪا توهان کان پوءِ هجي.

خوشا[1] حالے کہ گردم گردِ کویت رخے برخوں گریباں پارہ پارہ

مسلم بن عوسجه اسدي عرض ڪيو: ”جيڪڏهن اسان حضور کي ڇڏي هليا وڃون ۽ هينئر اسان حضور جو ڪو حق ادا ڪري الله جي سامهون معذرت جي جڳهه ناهي پيدا ڪئي، خدا جو قسم! مان ته توهان جو ساٿ نه ڇڏيندس، ايستائين جو پنهنجو نيزو دشمنن جي سينن ۾ ٽوڙي ڇڏيان ۽ جيستائين تلوار منهنجي هٿ ۾ رهي، وار ڪندو رهان، خدا گواهه آهي جيڪڏهن مون وٽ هٿيار به نه هجن ته مان پٿر هڻان، ايستائين جو توهان سان گڏ ماريو وڃان.“ اهڙي طرح بين ساٿين به گذارش ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ انهن سيني کي جزاءِ خير فرمائي، (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 414) ۽ جنت الفردوس ۾ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن جو ساٿ ۽ انهن جي جدِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سايو عطا فرمائي ۽ دنيا ۽ آخرت، قبر ۽ حشر ۾ اسان کي انهن جي برڪتن سان خوشنصيبي بخشي ڇڏ.

آمِين يا اَرۡحَمَ الرَّاحِمِيۡن.

انهي ئي رات ۾ امام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪجهه اهڙا شعر پڙهيا جن جو مضمون حسرت ۽ لاچاري جي تصوير اکين جي سامهون پيش ڪري رهي هئي، زمانو صبح ۽ شام خدا ڄاڻي ڪيترن دوستن ۽ عزيزن کي قتل ڪري ٿو ۽ جنهن کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو ان جي بدلي ۾ ٻئي تي راضي نٿو ٿئي. تيڻ واري واقعي جي خبر ڏيڻ واري دل خراش آواز حضرت زينب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي ڪنن ۾ پهتي، صبر نه ٿي سگهيو بيقرار ٿي ڪري رڙيون ڪندي ڊوڙيون، ”ڪاش! هن ڏينهن کان پهرين مونکي موت اچي وئي هجي هان، اڄ منهنجي ماءُ فاطمه جو انتقال ٿئي ٿو، اڄ منهنجي پيءُ علي دنيا کان گذاري وڃن ٿا، اڄ منهنجو ڀاءُ حسن جو جنازو نڪري ٿو، اي حسين!

[1] اهو سمان ڏاڍو سٺو هوندو جڏهن مان تنهنجي گهٽي جي ويجهو ڦرندس ان حالت ۾ جو منهنجو مُنهن رت سان ڀريل دامن ٽڪرا ٽڪرا هوندو.

اي گذرڻ وارن جي نشاني ۽ پوين جي  دل جا ٺار!“ اهو فرمائيندي بيهوش ٿي ڪِري پيون.

الله اڪبر! اڄ مالڪِ ڪوثر جي گهر ۾ ايترو پاڻي بہ نہ آهي جو بيهوش ڀيڻ جي منهن تي ڇڙڪيو وڃي. جڏهن هوش آيو تہ فرمايائون: ”اي ڀيڻ! الله کان ڊڄ ۽ صبر ڪر، ڄاڻي وٺ تہ سيني زمين وارن کي مرڻو ۽ سيني آسمان وارن کي گذرڻو آهي، الله کان سواءِ سڀ فنا آهي، منهنجو پيءُ، منهنجي ماءُ، منهنجو ڀاءُ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُم مون کان بهتر هئا. هر مسلمان کي رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رستي تي هلڻ گهرجي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 416)

## هاڻي قيامت قائم ٿئي ٿي

بہاروں پر ہیں آج آرائشیں گلزارِ جنت کی
سواری آنے والی ہے شہیدانِ محبت کی

کھلے ہیں گل بہاروں پر ہے پھلواڑی جراحت کی
فضاہر زخم کے دامن سے وابستہ ہے جنت کی

گلا کٹوا کے بیڑی کاٹنے آئے ہیں امت کی
کوئی تقدیر تو دیکھے اسیرانِ مصیبت کی

شہید ناز کی تفریح زخموں سے نہ کیوں کر ہو
ہوائیں آتی ہیں ان کھڑکیوں سے باغِ جنت کی

کرم والوں نے در کھولا تو رحمت کا سماں باندھا
کمر باندھی تو قسمت کھول دی فضلِ شہادت کی

علی کے پیارے خاتونِ قیامت کے جگر پارے
زمیں سے آسماں تک دھوم ہے ان کی سیادت کی

زمینِ کربلا پر آج مجمع ہے حسینوں کا
جمی ہے انجمن روشن ہیں شمعیں نور و طلعت کی

یہ وہ شمعیں نہیں جو پھونک دیں اپنے فدائی کو
یہ وہ شمعیں نہیں رو کر جو کاٹیں رات آفت کی

یہ وہ شمعیں ہیں جن سے جان تازہ پائیں پروانے
یہ وہ شمعیں ہیں جو ہنس کر گزاریں شب مصیبت کی

یہ وہ شمعیں نہیں جن سے فقط اک گھر منور ہو
یہ وہ شمعیں ہیں جن سے روح ہو کافورِ ظلمت کی

دلِ حور و ملائک رہ گیا حیرت زدہ ہو کر
کہ بزمِ گلرخاں میں لے بلائیں کس کی صورت کی

جدا ہوتی ہیں جانیں جسم سے جاناں سے ملتے ہیں
ہوئی ہے کربلا میں گرم مجلس وصل و فرقت کی

اسی منظر پہ ہر جانب سے لاکھوں کی نگاہیں ہیں
اسی عالم کو آنکھیں تک رہی ہیں ساری خلقت کی

ہوا چھڑکاؤ پانی کی جگہ اشکِ یتیماں سے
بجائے فرش آنکھیں بچھ گئیں اہلِ بصیرت کی

ہوائے یار نے پنکھے بنائے پر فرشتوں کے
سبیلیں رکھی ہیں دیدار نے خود اپنے شربت کی

ادھر افلاک سے لائے فرشتے ہار رحمت کے
ادھر ساغر لئے حوریں چلی آتی ہیں جنت کی

سجے ہیں زخم کے پھولوں سے وہ رنگین گلدستے
بہارِ خوشنمائی پر ہے صدقے روح جنت کی

ہوائیں گلشنِ فردوس سے بس بس کر آتی ہیں
نرالے عطر میں ڈوبی ہوئی ہے روح نکہت کی

دل پر سوز کے سلگے اگر سوز ایسی کثرت سے
کہ پہنچی عرش وطیبہ تک سوزِ محبت کی

ادھر چلمن اٹھی حسن ازل کے پاک جلوؤں سے
ادھر چمکی تجلی بدرِ تابانِ رسالت کی

زمینِ کربلا پر آج ایسا حشر برپا ہے
کہ کھنچ کھنچ کر مٹی جاتی ہیں تصویریں قیامت کی

گھٹائیں مصطفٰی کے چاند پر گھر گھر کر آتی ہیں
سیہ کارانِ امت تیرہ بختانِ شقاوت کی

یہ کس کے خون کے پیاسے ہیں اس کے خون کے پیاسے
بجھے گی پیاس جس سے تشنہ کامانِ قیامت کی

اکیلے پر ہزاروں کے ہزاروں وار چلتے ہیں
مٹادی دین کے ہمراہ عزت شرم و غیرت کی

مگر شیرِ خدا کا شیر جب بپھرا غضب آیا
پرے ٹوٹے نظر آنے لگی صورت ہزیمت کی

کہا یہ بوسہ دے کر ہاتھ پر جوشِ دلیری نے
بہادر آج سے کھائیں گے قسمیں اس شجاعت کی

تصدق ہو گئی جانِ شجاعت سچے تیور کے
فدا شیرانہ حملوں کی ادا پر روح جرأت کی

نہ ہوتے گر حسین ابن علی اس پیاس کے بھوکے
نکل آتی زمینِ کربلا سے نہر جنت کی

مگر مقصود تھا پیاسا گلا ہی ان کو کٹوانا
کہ خواہش پیاس سے بڑھتی رہے رویت کے شربت کی

شہید نار رکھ دیتا ہے گردن آبِ خنجر پر
جو موجیں باڑھ پر آجاتی ہیں دریائے الفت کی

یہ وقتِ زخم نکلا خون اچھل کر جسمِ اطہر سے
کہ روشن ہو گئی مشعل شبستانِ محبت کی

سرِ بے تن تنِ آسانی کو شہرِ طیبہ میں پہنچا
تنِ بے سر کو سرداری ملی ملکِ شہادت کی

حسن سُنّی ہے پھر افراط و تفریط اس سے کیوں کر ہو
ادب کے ساتھ رہتی ہے روش اربابِ سنت کی

## ڏھہ محرم الحرام ۾ خاندانِ رسالت تي ظلم ۽ ستم جو آغاز

عاشوره جو ڏينهن صبح ايندي ئي ۾ جمعي جي صبح سوير واري گهڙين محشرجهڙومنظر ڏيکاريندي آهي. امامِ عرش مقام (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) خيمه اطهر کان ٻاهر ايندي پنهنجي ٻاهتر ساٿين، ٻٽيهه سوارن، چاليهه پيادلن جو لشڪر ترتيب ڏئي رهيا هئا. ساڄي پاسي تي زهير بن قين، کاٻي پاسي تي حبيب بن مظهر[1] (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) سردار بڻايا ويا ۽ نشان برداريءَ تي حضرت عباس (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) مقرر فرمايا ويا ۽ حڪم ڏنو ويو ته خندق جي ڪانين ۾ باهه ڏني وڃي ته دشمن هتان ڪان رستو نه

---

[1]......تاريخ جي ڪتابن ۾ انهن جو نالو حبيب بن مطهر ۽ حبيب بن مظاهر به آيو آهي. رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ. علميه

وٽن. ان انتظام کان پوءِ امام جنتِ مقام (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) شهادت جي پڪي ارادي جي واسطي طهارت وٺڻ جي لاءِ تشريف کڻي ويا. عبد الرحمٰن بن عبد ربہ، يزيد بن حصين همداني (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) خيمي جي دروازي تي منتظر آهن تہ امام جي فارغ ٿيڻ کان پوءِ اسان بہ اها سنت ادا ڪيون. ابن حصين، عبد الرحمٰن سان کا کِلڻ جي ڳالھ ڪئي، انهن چيو: ”اهو کِلڻ جو کهڙو موقعو آهي؟“ چيائون: ”خدا گواھ آهي منهنجي سڄي قوم کي خبر آهي تہ جواني ۾ بہ ڪڏهن منهنجي کِلڻ جي عادت نہ هئي، هن وقت مان ان شيءِ جي سبب خوش ٿي رهيو آهيان جيڪا هاڻي ملڻ واري آهي. تون ان لشڪر کي ڏسين ٿو جيڪو اسان جي مقابلي جي لاءِ تيار بيٺو آهي، خدا جو قسم اسان ۾ ۽ حورُن جي ملاقات ۾ ايتري ئي دير باقي آهي جو اهي تلوارون کڻي ڪري اسان تي ٽٽي پون .“

امامِ جنتِ مقام (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) ٻاهر تشريف کڻي ويا ۽ ڏاچي تي سوار ٿي ڪري حجت پوري ڪرڻ جي لاءِ سخت دل ماڻهن جي طرف تشريف کڻي ويا. قريب پهچي فرمايائون: ”انسانو! منهنجي ڳالھ ٻڌو ۽ جلدي نہ ڪريو جيڪڏهن توهان انصاف ڪيو تہ سعادت ماڻيو نہ تہ پنهنجي ساٿين کي جمع ڪيو ۽ جيڪو ڪجھ ڪرڻو اَٿوَ ڪري وٺو. مان مهلت نٿو چاهيان، منهنجو الله جنهن قرآن لاٿو ۽ جيڪو نيڪن کي دوست رکي ٿو منهنجو ڪارساز(ڪم ٺاهيندڙ) آهي.“

امام جو اهو آواز انهن جي ڀينرن جي ڪنن تائين پهتو بي اختيار ٿي روئڻ لڳيون، امام حضرت عباس ۽ امام زين العابدين کي خاموش ڪرائڻ جي لاءِ موڪلي فرمايو: ”خدا جو قسم! انهن کي تمام گهڻو روئڻو آهي.“ پوءِ بدبختن جي طرف متوجھ ٿي ڪري فرمائڻ لڳا: ” يلا منهنجو نسب تہ بيان ڪريو ۽ سوچيو تہ مان ڪير آهيان؟...... ڪجھ اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو ، ڇا منهنجو قتل توهان کي جائز ٿي سگهي

تو؟...... منهنجي بي حرمتي توهان کي حلال ٿي سگهي ٿي؟...... ڇا مان توهان جي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو ڏوهٽو ناهيان؟...... ڇا توهان نہ ٻڌو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ کي فرمايو: توهان ٻئي جوانانِ اهلِ جنت جا سردار آهيو؟...... ڇا ايتري ڳالهہ توهان کي منهنجي خون وهائڻ کان روڪڻ لاءِ ڪافي ناهي؟......“

شمر مردود چيو:”اسان نٿا ڄاڻون تون ڇا چئي رهيو آهين.“ حبيب بن مظهر فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجي دل تي مهر ڪري ڇڏي آهي هاڻ تون ڪجهہ نٿو ڄاڻين.“ پوءِ امام مظلوم فرمايو: ”خدا جو قسم! منهنجي سواءِ سڄي زمين تي ڪنهن نبي جو ڪو ڏوهٽو باقي ناهي، ٻڌايو تہ مون توهان جو ڪهڙو ماڻهو ماريو؟..... يا ڪنهن جو مال لٽيو يا ڪنهن کي زخمي ڪيو؟.....آخر مون کان ڪهڙي ڳالهہ جو بدلو وٺو ٿا؟.... ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو، تہ نالا وٺي فرمايائون: ”اي شيث بن ربعي! اي حجاز بن ابجز[1]! اي قيس بن اشعث! اي زيد بن الحارث! ڇا توهان مونکي خط نہ لکيا ها؟“ اهي خبيث صاف انڪار ڪرڻ لڳا. فرمايائون: ”ضرور لکيا.“ پوءِ ارشاد فرمايائون: ”اي انسانو! جيڪڏهن توهان مونکي پسند نٿا ڪيو تہ واپس وڃڻ ڏيو.“ ان تي ڪو بہ راضي نہ ٿيو. وري فرمايائون: ”مان پنهنجي ۽ توهان جي رب عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهران ٿو انهي امر کان تہ مونکي سنگسار ڪيو ۽ پناهہ گهران ٿو ان مغرور کان جيڪو قيامت جي ڏينهن تي ايمان نہ آڻي.“ اهو فرمائي ڪري ڏاچي شريف تان لهي آيا.

زهير بن قين هٿيار ڪٽي گهوڙي تي سوار اڳتي وڌي چوڻ لڳا: ”اي اهل ڪوفہ! عذاب اِلاهي جلدي اچي ٿو. مسلمان جو مسلمان تي حق آهي تہ نصيحت ڪري، اسان توهان هاڻي ديني ڀائر آهيون، جڏهن تلوار ڪنئي ويندي تہ توهان الگ ٽولو هوندؤ ۽ اسان الگ. اسان کي توهان کي الله تعاليٰ پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اولاد جي باري ۾

---

[1] تاريخ جي ڪتابن ۾ حجّاز بن ابجز بہ آيو آهي. علميہ

آزمايو آهي جو اسان توهان انهن سان چا معاملو ڪيون ٿا. مان توهان کي امام حسين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) جي مدد جي لاءِ گهرايان ٿو ۽ سرڪش ابن سرڪش ابن زياد جي اطاعت کان روڪڻ چاهيان ٿو، توهان ان کان ظلم ۽ ستم ڪانسواءِ ڪجهه بہ نہ ڏسندؤ.“

ڪوفين چيو: ”جيستائين توکي ۽ تنهنجي سردار کي قتل نہ ڪري ڇڏيون يا مطيع بڻائي ڪري ابن زياد وٽ نہ موڪلي ڇڏيون اسان هتان کان نہ هٽنداسين .“

زهير (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) فرمايو: خدا جو قسم! فاطمہ جا پُٽ سميہ جي پٽن کان گهڻو محبت ۽ نصرت جي لائق آهن. جيڪڏهن توهان انهن جي مدد نہ ڪيو تہ انهن کي قتل ڪرڻ جي پويان بہ نہ لڳو ان تي شمر مردود هڪ تير هٽي ڪري چيو: چپ! گهڻي دير کان تو اسان جو متو ڪاڻو آهي.“

زهير (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) فرمايو: ”اي ڪڙين تي متڻ واري جاهل جا پٽ! مان توسان نٿو ڳالهايان، تون تہ صفا جانور آهين، منهنجي خيال ۾ تو کي تہ قرآن جون بہ آيتون بہ نٿيون اچن، توکي قيامت جي ڏينهن دردناڪ عذاب ۽ رسوائي جي خوشخبري هجي. “

شمر چيو: ”بس گهڙي ڪن ۾ تون ۽ تنهنجو سردار قتل ڪيا ويندؤ.“

فرمايائون: ”چا مونکي موت کان ڊيڄارين ٿو؟ خدا جو قسم! انهن جي قدمن تي مرڻ توهان جهڙن سان هميشہ جي جيئڻ کان پسند آهي.“ پوءِ بلند آواز سان چوڻ لڳا اي انسانو! توهان کي هي بي ادب جاهل فريب ڏئي ٿو ۽ دينِ حق کان بي خبر ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪي ماڻهو اهلِ بيت يا انهن جي ساٿين کي قتل ڪندا، خدا جو قسم! محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شفاعت انهن کي نہ ملندي. امامِ عالي مقام (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) واپس گهرايو. (الڪامل في التاريخ، ج. 3، ص. 417)

هاڻي بدبخت ابن سعد پنهنجي ناپاڪ لشڪر کي امامِ مظلوم جي طرف روانو ڪيو، حر چيو: ”توتي الله جي مار هجي، چا تون هنن سان

وڙهندي؟“ چيائين:”وڙهندس ۽ اهڙي لڙائي وڙهندس جنهنجو گهٽ ۾ گهٽ درجو سَرن (يعني) مٿن جو ڪٽڻ ۽ هٿن جو ڪرڻ آهي.“ چيائين: ”اُهي ٽي ڳالهيون جيڪي انهن پيش ڪيون هيون توکي منظور ناهن؟“ چيائين: ”منهنجو اختيار هجي هان تہ مڃان ها.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 420)

## حضرت حُر جي امام عالي مقام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان معذرت

حُر مجبور ٿي لشڪر سان گڏ امام جي طرف اڳتي وڌيو پر ائين جو جسم ڏڪي رهيو آهي ۽ پاسي ۾ دل جي ڌڙڪڻ جو آواز پاسي وارا ٻڌي رهيا آهن. اها حالت ڏسي ڪري ان جي پنهنجي قوم واري چيو تنهنجو هي ڪم شڪ ۾ وجهڻ وارو آهي، مون ڪنهن بہ لڙائي ۾ تنهنجي اهڙي حالت ناهي ڏٺي، مون کان جيڪڏهن ڪير پڇندو آهي تہ ڪوفي وارن ۾ بهادر ڪير آهي، تہ مان تنهنجو ئي نالو ڪڻندو آهيان.“ حُر چيو: ”مان سوچيان ٿو تہ هڪ طرف جنت جا سهڻا گل ٽڙيل آهن ۽ هڪ طرف جهنم جا ٻرندڙ شعلا بلند ٿي رهيا آهن ۽ مان جيڪڏهن ٽڪرا ٽڪرا ڪري ساڙيو وڃان تڏهن بہ جنت کي ڇڏڻ منظور ناهي.“ هي چئي ڪري گهوڙي کي ڪُڙي هنئين ۽ امامِ عالي مقام (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويا. پوءِ عرض ڪيائون: ”اللّٰہ مون کي حضور تي قربان ڪري. مان حضور جو اهو ئي ساٿي آهيان جنهن حضور کي واپس وڃڻ کان روڪيو هو، جنهن حضور کي نظربنديءَ ۾ وڌو، خدا جو قسم! مون کي هي خيال بہ ڪونہ هيو تہ هي بدبخت حضور جو ارشاد ڪونہ مڃيندا ۽ ايتري تائين نوبت پهچائيندا، مون سوچيو تہ خير ڪجهہ ڳالهيون انهن جون مڃيا تہ جيئن هو سمجهن تہ اسان جي اطاعت ڪري رهيو آهي ۽ آخر ۾ هي توهان جون ڪجهہ ڳالهيون مڃي ئي ويندا ۽ خدا جو قسم! مونکي جيڪڏهن اهو گمان هجي ها تہ هي ڪجهہ نہ مڃيندا تہ مان ائين ڪڏهن بہ نہ ڪيان ها، هاڻي مان توبهہ تائب ٿي ڪري آيو آهيان ۽ پنهنجي جان حضور تي قربان ڪرڻ چاهيان ٿو، ڇا منهنجي توبهہ حضور جي نزديڪ قبول ٿي ويندي؟ “فرمايائون: ” ها! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توبهہ قبول ڪرڻ وارو ۽ گناه بخشيندڙ آهي“.

حُر اها خوشخبري ٻڌي ڪري پنهنجي قوم جي طرف وريو ۽ چوڻ لڳو: ”ڇا جيڪي ڳالهيون امام پيش ڪيون آهن اهي توهان کي منظور ناهن؟“ ابن سعد چيو: ”انهن جو مڃڻ منهنجي قدرت کان ٻاهر آهي.“ فرمايائون: ”اي ڪوفي وارؤ! توهان جون مائرون ٻي اولاد ٿين... توهان جي مائرن کي توهان جو روئڻ نصيب ٿئي... ڇا توهان امام کي دشمنن جي هٿ ۾ ڏيڻ جي لاءِ گهرايو هو؟... ڇا توهان واعدو نہ ڪيو هو تہ پنهنجون جانيون ان تي قربان ڪنداسين؟... ۽ هاڻي توهان ئي هنن جي قتل تي تيارآهيو؟ اهو بہ توهان کي منظور ناهي تہ هو الله جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هليا وڃن جتي هوءِ انهن جا ٻار ٻچا امان ۾ هجن... توهان هنن کي قيدي ڪري رکيو آهي... فُرات جو وهندڙ پاڻي جنهن کي خدا جا دشمن پي رهيا آهن ۽ ڳوٺن جا ڪتا ۽ سوئر ليٽيا پيا آهن... حسين ۽ انهن جي ٻارن تي بند ڪيو ويو آهي... اُڃ جي تڪليف جن کي زمين سان لڳائي ڇڏيو آهي... توهان اولادِ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سٺو ناهي ڪيو... جيڪڏهن توهان توبهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي حرڪتن کان باز نہ آيو تہ الله توهان کي قيامت جي ڏينهن اجارو رکي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3 ص. 421)

## مقابلي جو باقاعدي آغاز

ان جي جواب ۾ انهن خبيثن حضرتِ حر تي پٿر اڇلائڻ شروع ڪيا، هي واپس ٿي ڪري امام جي اڳيان بيهي رهيا، بد بختن جي لشڪر مان زياد جو غلام يسار ۽ ابن زياد جو غلام سالم ميدان ۾ آيا ۽ پنهنجي مقابلي جي لاءِ جنگجوطلب ڪرڻ لڳا. حضرت عبدالله بن عمير ڪلبي (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) سامهون آيا، ٻنهي چيو اسان توکي نٿا سڃاڻيون، زهير بن قين يا حبيب بن مظهر يا برير بن حضير[1] کي اسان جي مقابلي لاءِ موڪليو. حضرتِ عبدالله (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جن يسار کي فرمايو: ”اي بدڪار عورت

[1]......تاريخ جي ڪتابن ۾ انهن جو نالو برير بن خضير بہ آيو آهي. رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ. (علميہ)

جا پٽ تون مون سان نہ وڙهنديءَ! تنهنجي وڙهڻ لاءِ وڏا وڏا ڪپن!.“ اهو فرمائي ڪري هڪ ڏک هنئيو هو قتل ٿي ويو، سالم سندن تي وار ڪيو ڪابي هٿ سان روڪيائون، آڱريون جُدا ٿي ويون، ساڄي هٿ سان وار ڪيو اهو بہ ماريو ويو.

هي عبدالله ڪوفي ڪان امام (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) جي خدمت ۾ حاضر ٿيا هئا ۽ انهن جي گهر واري اُمِ وهب انهن سان گڏ هيون. اها خيمي جي ڇهنب واري لڪڙي کڻي جهاد جي لاءِ هليون ۽ پنهنجي مڙس کي چيائون: ”منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان! جهاد ڪر انهن سٿرن پاڪيزه نبي زادن جي لاءِ.“ چيائون: ”تون عورتن ۾ وڃ.“ نہ مڃيائين ۽ چيائين: ”توهان سان گڏ مرندس.“ آخر حضرت امام آواز ڏنو تہ ”اي بيبي! الله توهان تي رحمت ڪري، واپس اچو جو جهاد عورتن تي فرض ناهي.“ واپس آيون. پوءِ ابن سعد جي ميمنہ (سڄي پاسي) ڪان عمرو بن الحجاج پنهنجا سوار وٺي اڳتي وڌيو، امام جي ساٿين گوڏن پر جهڪي ڪري نيزا سامهون ڪيا، گهوڙا نيزن جي سنانن تي نہ وڌي سگهيا، پنيان پلٽيا تہ هوڏانهن ڪان تير هلايا ويا، هو ڪيترائي زخمي ٿيا ۽ ڪيترائي ماريا ويا.

هڪ بد بخت ابن حوزه پڇيو:”ڇا توهان۾حسين آهن؟“ ڪنهن جواب نہ ڏنو، ٽي ڀيرا پڇيو،ماڻهن چيو: تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟ چيائين: ”اي حسين!توکي باهہ جي بشارت[1] هجي.“ ”امام فرمايو: ”تون ڪوڙو آهين، مان پنهنجي مهربان رب وٽ ويندس.“ پوءِ ان جو نالو پڇيائون. چيائين: ابن حوزه. دعا فرمائي: ”اَللّٰھُمَّ حُزْہُ اِلَی النَّارِ“ الٰهي! هن کي باهہ جي طرف جهونڪ.“ اهو ٻڌي ڪري هو مردود غضب ناڪ ٿيو، حضور جي طرف گهوڙو ڊوڙايو، خدا جي قدرت جو گهوڙو جوش ۾ آيو ۽ هي گهوڙي تان ترڪيو، هڪ پير رِڪاب (گهوڙي جي سنج) ۾ ڦاٿو، هاڻي گهوڙو تيز ڀڄڻ لڳو،

---

[1] مخالفينِ حسين جي تعصب ۽ جهالت جي انتها آهي جو قتلِ حسين کي نيڪي تصور ڪري وينا هئا.

ايتري تائين جو ان مردود جي ران ۾ پني پڳي، مٿو پٽرن سان ٽڪرائجي ذرا ذرا ٿي ويو، آخر انهي ئي حال ۾ جهنم جي حوالي ٿيو. مسروق بن وائل حضرمي، امام مظلوم جو سر مبارڪ ڪٽڻ جي تمنا ۾ آيو. ابن حوزه جو حال ڏسي چوڻ لڳو: خدا جو قسم! مان ته اهلبيت سان ڪڏهن به نه وڙهندس. پوءِ يزيد بن معقل، حضرت برير (برير بن حضير) کي چوڻ لڳو: ”خدا تو سان ڇا ڪيو؟“ فرمايائون: ”سنو ڪيو“. چيائين: ”تو ڪوڙ ڳالهايو ۽ مان توکي اڄ کان پهرين ڪوڙو نه سمجهندو هئس، مان گواهي ٿو ڏيان ته تون گمراھ آهين.“ فرمايائون: ”ته اچ مباهلو ڪريون الله ڪوڙي تي لعنت ڪري ۽ ڪوڙو سچي جي هٿان قتل ٿئي.“ اهو راضي ٿي ويو. مباهلي کان پوءِ ابن معقل تلوار اُڇلائي، خالي وار ويو ، حضرت برير (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) وار ڪيو، ته خُود (يعني لوھ جو ٽوپ) ڪٽيندي ميجالو به ڪڍي ڇڏيو. اهو ڏسي ڪري رضي بن منقذ عبدي پڳو ۽ حضرت برير (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) سان چنبڙي ويو، ڪُشتي ٿيڻ لڳي، حضرت برير (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) دسي ۽ ان جي سيني تي چڙهي ويا، پنيان کان ڪعب بن جابر ازدي نيزو هنئيو جو پٺيءَ مبارڪ ۾ غائب ٿي ويو، نيزو لڳل رضي جي سيني تان لٿا ۽ ان مردود جو نڪ ڏندن کان ڪٽي ڇڏيو، ڪعب تلوار هنئي ته شهيد ٿي ويا، جڏهن ڪعب واپس ٿيو ته ان جي گهرواريءَ چيو ته: ”مان توسان ڪڏهن به نه ڳالهائيندس، تو فاطمه جي پٽ جي هوندي دشمن کي مدد ڏني ۽ عالمن جي سردار برير (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) کي شهيد ڪيو.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 421)

پوءِ امام جي طرف کان عمرو بن قرظ انصاري (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) نڪتا ۽ سخت ويڙھ کان پوءِ شهيد ٿيا. حضرت حُر خطرناڪ جنگ ڪئي. يزيد بن سفيان انهن جي سامهون آيو، انهن ان کي قتل فرمايو، نافع بن هلال مرادي (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) ميدان ۾ آيا، مزاحم بن حريث انهن جي سامهو ٿيو، مرادي (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) ان نامراد کي قتل ڪيو، اها حالت ڏسي عمرو بن الحجاج رڙيون ڪيون: ”اي ڪوفيو ! توهان ڄاڻو ٿا ته توهان ڪنهن سان وڙهو ٿا؟ توهان جي سامهون اُهي بهادر آهن جن کي

مرڻ جو شوق آهي، هڪ هڪ تي ڪري انهن سان نہ وڙهو، هو تمام گهڻ آهن خدا جو قسم! توهان سيئي ملي ڪري پٿر هڻندؤ تہ قتل ڪري ڇڏيندؤ.“

ابن سعد اها راءِ پسند ڪري ماڻهن کي اڪيلو وڙهڻ کان روڪي ڇڏيو، پوءِ عمرو بن الحجاج فرات جي طرف کان حملو ڪيو. ان حملي ۾ مسلم بن عوسجہ اسدي (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) شهادت حاصل ڪئي. عمرو واپس هليو ويو، انهن ۾ اجان آخري پساه باقي هو. حبيب بن مظهر چيو: ”توهان کي جنت جي خوشخبري هجي، توهان جو ڪِرڻ مون تي گهڻو نا پسند ٿيو، مان هاڻين جلد توهان سان ملڻ چاهيان ٿو، مون کي ڪا وصيت ڪيو تہ مان ان تي عمل ڪريان.“ مسلم (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) حضرت امام جي طرف اشارو ڪري فرمايو. ”ان تي قربان ٿي وڃجان.“ حبيب چيو: ”ايئن ئي ٿيندو.“ پوءِ خبيث ابن سعد پنج سو تير انداز ابن نمير سان گڏ امام جي جماعت تي موڪليا. هاڻي ٽن ڏينهن جي اُڃارن تي تيرن جو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. امام جا ساٿي گهوڙن تان لهي ڪري پيادل هليا ۽ پيادل هئڻ انهيءَ مصلحت جي ڪري هو تہ ان اوچتي مصيبت کان جنهن ۾ پنج سو تير گڏجي هڪ وقت نڪري رهيا آهن، گهبرائي ڪري پير نہ اُکڙجي وڃن، مارڻ مرڻ جيڪو ڪجهہ ٿيڻو آهي هتي ئي ٿي ويندو. امام کي ڇڏي ڀڄڻ ۽ پوئتي جو رستو نہ ونبو. حضرت حُر سخت ويڙهہ وڙهيا، ايسيتائين جو ٻنپهرن جو وقت ٿي ويو. انهن پنج سو ماڻهن ٿيهہ ساٿين تي ڪجهہ بہ قدرت حاصل نہ ڪئي.

جڏهن نياڳي ابن سعد اهو حال ڏٺو تہ سامهون کان وڃڻ جي طاقت ناهي، ان ميدان جي ساڄي طرف ڪجهہ گهر هئا. ان ۾ ماڻهن کي موڪليائين تہ جيئن امام جي جماعت تي ساڄي طرف کان بہ حملو ٿي سگهي. امام مظلوم جا ٽي چار ساٿي پهريان ئي اتي وينا هئا، جيڪي ٽپيا، انهن کي ماري ڇڏيائون. ابن سعد ڪاوڙ ۾ چيو تہ ”گهرن کي باهہ لڳائي وڃي.“ امام فرمايو: ”ڀلي ساڙڻ ڏيو، جڏهن باهہ لڳي ويندي تہ اتان کان حملي جو انديشو نہ رهندو.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 423)

شمر مردود حملو ڪري پاڪ خيمي جي ويجهو پهتو ۽ جنت وارن جو خيمو ڦوڪڻ لاءِ جهنميءَ باهہ گهري. ان جي ساٿي حميد بن مسلم چيو تہ ”خيمي کي باهہ ڏئي ڪري عورتن، ٻارن کي قتل ڪرڻ بالڪل مناسب ناهي.“ ان دوزخيءَ نہ مڃيو. شيث بن ربعي ڪوفي جيڪو ان ناپاڪ لشڪر جي سردارن ۾ هو. ان جهنميءَ کي باهہ لڳائڻ کان پري رکيو. ان عرصي ۾ حضرت زهير بن قين ڏهہ ساٿين سان گڏ شمر مردود جي لشڪر تي اهڙي سختي سان حملي آور ٿيا جو انهن بدبختن کي پٺي ڏيکاري ڀڄڻو ئي پيو. ان حملي ۾ ابو عزه ماريو ويو. دشمن جمع ٿي ڪري انهن يارنهن تي وري ڪاهجي پيا. اُنهن ۾ جيترا بہ ماريا ويا ڪثرت جي سبب معلوم بہ نہ ٿي سگهندا هئا ۽ هيڏانهن هڪ بہ شهيد ٿيندو تہ سيني تي ظاهر ٿي ويندوهو. انهيءَ عرصي ۾ نمازِ ظهر جو وقت اچي ويو. حضرت ابو ثمامہ الصائدي امام کي عرض ڪيو: ”منهنجي جان حضور تي قربان مان ڏسان ٿو تہ هاڻي دشمن ويجهو اچي ويا آهن. خدا جو قسم! جيسيتائين مان پنهنجي جان حضور تي نثار نہ ڪري ڇڏيان حضور شهيد نہ ٿيندا، پر آرزو اها آهي تہ ظهر پڙهي الله تعالي سان ملان.“ امام فرمايو: ”ها! هي پهريون وقت آهي، انهن کي چئو ايتري مهلت ڏين جو اسان نماز پڙهي وٺون.“ امام جي ڪرامت آهي جو اها ڳالهہ انهن بي دينن قبول ڪري ورتي.

ابن نمير مردود چيو ”اها نماز قبول نہ ٿيندي.“ حضرت حبيب بن مظهر (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) فرمايو: ”آلِ رسول جي نماز قبول نہ ٿيندي ۽ اي گڏهہ تنهنجي قبول ٿيندي؟“ ان انهن تي وار ڪيو، انهن بچاءُ ڪري تلوار هنئي. گهوڙي کي لڳي، گهوڙو ڪريو ۽ ان سان گڏ اهو مردود بہ زمين تي آيو، ان جا ساٿي جلدي ڪري ان کي ڪڍي ويا. پوءِ انهن گهڻو رت وهايو. بني تميم کان بديل بن صريم کي قتل ڪيو. ٻئي تميميءَ انهن کي نيزو هنئيو، اٿڻ چاهن پيا تہ ابن نمير خبيث تلوار اچلائي هنئي، شهيد ٿي ويا، رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهن جي شهادت جو امام کي سخت صدمو ٿيو.

هاڻي حضرت حُر ۽ زهير بن قين (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُمَا) هي شروع ڪيو تہ هڪ انهن خبيثن تي حملو فرمائيندا، جڏهن هو انهن جي وچ ۾ قاسي ويندا، تہ بيا وڙهي ڪري ڇڏائيندا هئا. جڏهن هي گِهري ڪري غائب تي ويندا، اهي وري حملو ڪندا ۽ بچائي آڻيندا. دير تائين اهائي حالت رهي پوءِ پيادلن جو لشڪر حضرت حُر تي ٽُٽي پيو ۽ انهن کي شهيد ڪري ڇڏيو.

(الڪامل في التاريخ، ج. 3، ص. 425)

روضة الشهداءِ ۾ آهي جڏهن حر زخمي ٿي ڪري ڪريا تہ امام کي آواز ڏنائون، حضرت بي قرار ٿي ڪري تشريف کڻي ويا ۽ سخت جنگ ڪري کڻي آيا. زمين تي ليٽايائون ۽ ان جو مٿو مبارڪ پنهنجي رانن مبارڪن تي رکي ڪري پيشاني ۽ رخسار مبارڪن جي مٿي پنهنجي دامن سان صاف ڪرڻ لڳا. حر اک کولي ۽ پنهنجو مٿو امام جي رانن تي رکيل ڏسي مسڪرايائون ۽ عرض ڪيائون: ”حضور! هاڻي تہ مون سان خوش آهيو؟“ فرمايائون: اسان راضي آهيون، الله بہ تو سان راضي ٿئي.“ حر اها خوشخبري ٻڌي ڪري امام تي جان نثار ڪئي ۽ بهشت جي راهہ ورتي.

آرزو یہ ہے کہ نکلے دم تمہارے سامنے  
تم ہمارے سامنے ہو ہم تمہارے سامنے

صلائے قصہ خواں فرقت کی شب سویہ کہانی ہے  
تیرے زانو ہی کے تکیے پہ مجھ کو نیند آنی ہے

حر جي شهادت کان پوءِ سخت لڙائي شروع ٿي دشمن ڪٽجندا ويا ۽ اڳتي وڌندا ويا. ڪثرت جي سبب ڪجهہ خيال ۾ نہ آڻيائون ايسيتائين جو امام جي ويجهو پهچي ويا. اجارن تي تيرن جو مينهن وسائڻ شروع ڪيو، اها حالت ڏسي ڪري حضرت حنفي[1] امام کي پنهنجي پٺيءَ جي پويان ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي چهري ۽ سيني کي امام جي ڍال بڻائي ڪري بيهي رهيا. دشمن جي طرفان تير تي تير اچي رهيا آهن ۽ هي ڪامل اطمينان ۽ پوري خوشي سان زخم تي زخم کائي رهيا آهن. ان وقت حقيقي محبت جي مستانن پنهنجي معشوق، پنهنجي دلربا امام حسين رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي

---

[1] سعيد بن عبدالله حنفي

پنيءَ جي پويان ڪري جنگِ اُحد جو منظر ياد ڏياري ڇڏيو. اتي بہ هڪ جانباز عاشق مسلمانن جي لڙائي بگڙجي وڃڻ تي سيد المحبوبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون دشمنن تي حملن جي ڍال بڻجي بيهي رهيا، هي حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هئا. حضور پر نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي ئي پنيان قيام فرما هئا ۽ دشمنن کي هٽائڻ لاءِ ترڪش مان تير عطا فرمائيندا ويندا ۽ هر تير تي ارشاد ٿيندو ”اِرْمِ سَعْد بِاَبِيْ اَنْتَ وَ اُمِّيْ“ تير هڻ اي سعد! تو تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان. الله جو شان، جنگِ اُحد ۾ حضرت سعد (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جي جان نثاري جي اها ڪيفيت جو رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڍال تي ويا ۽ دشمنن کي ويجهو نہ اچڻ ڏنائون ۽ واقعہ ڪربلا ۾ ابن سعد جي خساري جي اها حالت جو دشمنن کي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٽ جي مقابلي لاءِ آندو ويو آهي. بزرگوار پيءُ جا تير اسلام جي دشمنن تي هلي رهيا هئا. بدبخت پٽ جا تير مسلمانن جي سردار تي هلي رهيا آهن.

ببين[1] تفاوت رہ از کجاست تا بکجا

مطلب تہ حضرت حنفي امام (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جي سامهون ايستائين تير ڪاڏا جو شهيد تي ڪري پيا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، حضرت زهير بن قين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) ان طوفان بي پناهہ جي روڪڻ ۾ پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڪوشش ڪيائون ۽ سخت لڙائي وڙهي شهيد ٿيا. حضرت نافع بن هلال (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) تيرن تي پنهنجو نالو لکرائي ڪري زهر ۾ پسايو. ان سان ٻارنهن بدبخت قتل ڪيائون ۽ بيشمار زخمي ڪري ڇڏيائون. دشمن انهن تي بہ هجوم ڪري آيا، ٻئي ٻانهون ڪٽجڻ جي سبب مجبور ٿي گرفتار ٿيا. شمر خبيث انهن کي ابن سعد وٽ وٺي ويو. هلال جي چنڊ جو مُنهن رت سان ڀريل هو ۽ اهو شينهن جيان فرمائي رهيو هو: ”مون توهان جا 12 ڪيرايا ۽ ڪوڙن کي زخمي ڪيو، جيڪڏهن منهنجا هٿ نہ ٽٽن ها تہ گرفتار نہ ٿيا هان.“ شمر انهن کي قتل ڪرڻ جي لاءِ تلوار ڪڍي،

[1]......ڏس! رستن جو فرق ڪتان ڪان ڪاتي آهي.

فرمايائون: ”تون مسلمان هجين ها تہ خدا جو قسم! اسان جو خون ڪري خدا سان ملڻ پسند نہ ڪرين ها، ان خدا جي لاءِ تعريف آهي جنهن اسان جي موت بد ترين ماڻهن جي هٿ ۾ رکي.“ شمر سندن کي شهيد ڪري ڇڏيو. پوءِ بين مسلمانن تي حملو آور ٿيو امام جي ساٿين ڏٺو تہ هاڻي انهن ۾ امام جي حفاظت ڪرڻ جي طاقت ناهي رهي، شهيد ٿيڻ ۾ جلدي ڪرڻ لڳا تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان جي هوندي امامِ عرشِ مقام کي ڪو صدمو پهچي. حضرت عبد الله ۽ عبد الرحمٰن عروه غفاري جا پٽ اجازت وٺي ڪري اڳتي وڌيا ۽ لڙائي ۾ مشغول ٿي ڪري شهيد ٿي ويا.

سيف بن حارث ۽ مالڪ بن عبد (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) ٻئي هڪ ئي ماءُ جا پٽ ۽ ڀيءُ جي طرف کان سؤٽ هئا، خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري روئڻ لڳا. امام فرمايائون: ”ڇو ٿا روئو؟ ڪجھ ئي دير باقي آهي الله تعالي توهان جون اکيون ٺڏيون ڪندو.“ عرض ڪيائون: ”والله! اسان پنهنجي لاءِ نہ ٿا روئون بلڪ حضور جي لاءِ روئون ٿا جو هاڻي اسان ۾ حضور جي حفاظت جي طاقت ناهي رهي.“ فرمايائون: ”الله توهان کي جزائي خير ڏي.“ آخرڪار هي ٻئي بہ رخصت ٿي ڪري اڳتي وڌيا ۽ شهيد ٿي ويا.

حنظلہ بن اسعد (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) امام جي سامهون قرآن مجيد جون ڪجھ آيتون پڙهيون ۽ ڪوفين کي عذابِ الٰهي کان ڊيڄاريو پر اُتي ڪير ٻڌڻ لاءِ ئي تيار نہ هو. هي بہ سلام ڪري ويا ۽ بهادري ڏيکاري شهيد ٿي ويا، شوذب بن شاڪر (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) موڪل وٺي وڌيا ۽ شهادت ماڻي دارالسلام پهتا، حضرت عابس (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) اجازت وٺي ڪري هليا ۽ مقابل گهريو ۽ ان جي مشهور بهادري جي خوف کان ڪو بہ سامهون نہ آيو. ابن سعد چيو انهي کي پٿرن سان ماريو. چئن طرفن کان پٿرن جو وسڪارو ٿيو انهن نامڙدن جي اها حرڪت ڏسي، ڪاوڙ ۾ زره لاهي، خُود (لوهي ٽوپ) اڇلائي حملي آور ٿيا. هڪدم ئي سيني کي پچائي ڇڏيائون. دشمن وري جمع ٿي آيا ۽ انهن کي بہ شهيد ڪري ڇڏيو.

يزيد بن ابي زياد ڪندي (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جيڪي ڪوفي جي لشڪر ۾ هئا ۽ نار(جهنم جي باهہ) کان نڪري ڪري نور ۾ اچي ويا هئا. دشمنن تي تير هڻڻ شروع ڪيا انهن جي هر تير تي امام دعا فرمائي: ”الٰهي ان جو تير خطا نہ ٿئي ۽ ان کي جنت عطا فرماءِ.“ سو تير هنيا جن مان پنج بہ خطا نہ ٿيا. آخر ڪار شهيد ٿي ويا، ان واقعي مان سڀ کان پهريان انهن ئي شهادت ماڻي ۽ شهيدانِ ڪربلا جي ترتيب وار فهرست انهن جي نالي سان شروع آهي. عمرو بن خالد سعد مولي ۽ جبار بن حارث ۽ مجمع بن عبيدالله (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمْ) گڏ وڙهندي وڙهندي دشمن جي وڪڙ ۾ اچي ويا. ان وقت بدبختن سخت حملو ڪيو، حضرت عباس (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) حملو ڪري سيني کي ڇڏائي آيا. زخمن ۾ ٽڪجي پيا ان حال ۾ دشمنن تي ٽٽي پيا ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا.

## چمنِ رسالت جي نوراني ٽلن جي شهادت جي ابتدا

هاڻي امام جي وفادار جان نثار سپاهين ۾ڪجهہ ماڻهن کان سواءِ ڪو بہ باقي نہ رهيو، انهن سيني مان سڀ کان پهريان جيڪي دشمنن سان مقابلي لاءِ تشريف ڪٽي آيا امام جا صاحبزاده حضرت علي اڪبر[1] (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) آهن،شيرن جا حملا مشهور آهن، پوءِ هي شير تہ محمدي شير آهي ان جي خطرناڪ حملي کان خدا جي پناهہ، دشمن کي قهرِ الٰهي جو نمونو ڏيکاري ڇڏيو. جنهن مٿو ڪنيو هيٺ ڪري ڇڏيائين. بهادر حملن سان جيڏانهن وڌيا دشمن کي گاهہ  وانگر ڪٽيندا هلندا ويا. دير تائين لڙائي ڪندا ۽ قتل فرمائيندا رهيا، اڃ اجا وڌندي وئي واپس تشريف ڪٽي آيا ٿورو

---

1 ان جي والده ماجده حضرت ليلٰي بنت ابي مُره آهن. حضرت شهربانو نہ آهن جيئن تہ عوام ۾ مشهور آهي. 12 منہ

ايران جي فتوحات ۾ شاهہ يزدگرد جون بہ نياڻيون ٻانهيون بڻجي آيون. حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان مان هڪ خاتون شهربانو کي حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مشوري سان حصرت حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيون. جنهن جي بطن مان علي بن حسين (امام زين العابدين) ٿيا.

ساھ ڪٽي وري حملا آور ٿيا ۽ دشمنن جي جان تي اھا ئي قيامت برپا ڪري ڇڏيائون. ڪجھ پيرا ائين ئي ٿيو، ايسيتائين جومره بن منقذ عبدي بد نصيب جو نيزو لڳو ۽ بد بختن تلوارن تي رکي ڇڏيو. جنت عليا ۾ آرام فرمايائون. نوجوان پٽ جي لاش تي امام فرمايو: ”پٽ خدا تنھنجي شھيد ڪرڻ واري کي قتل ڪري، تو کان پوءِ ھن دنيا تي خاڪ آھي، ھيءَ قوم الله کان ڪيتري بيباڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي حرمتي تي ڪيتري قدر سخت دل آھي.“ پوءِ لاش مبارڪ کڻي ويا ۽ خيمي وٽ رکيو، پوءِ عبد الله بن مسلم لڙائي تي ويا ۽ شھيد ٿي ويا . (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 428)

ھاڻي دشمن چئني طرفن کان گھيرو ڪيو. ھن گھيري ۾ عون بن عبد الله بن حضرت جعفر طيار ۽ عبد الرحمٰن ۽ جعفر، عقيل جي شھزادن شھادتون ماڻيون. پوءِ حضرت قاسم، حضرت امام حسن (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جا صاحبزاده حملا آور ٿيا ۽ عمرو بن سعد بن نفيل مردود جي تلوار کائي ڪري زمين تي ڪريا، امام کي چاچا! چئي ڪري آواز ڏنو، امام غضب ناڪ شينھن وانگر پھتا، عمرو مردود کي تلوار ھنيائون ان روڪي، ھٿ نونٺ کان ڪٽجي ويو. ان رڙيون ڪيون، ڪوفي جا سوار ان جي مدد لاءِ پيگا ۽ ڏوڙ دز ۾ ان جي ئي ناپاڪ سيني کي گھوڙا لتاڙي ويا.

جڏھن متي ختم ٿي وئي ۽ امام حضرت قاسم جي لاش کي ڏنو تي فرمائي رھيا ھيا: ”قاسم! تنھنجا قاتل رحمتِ الٰھي کان پري آھن، خدا جو قسم! تنھنجي چاچي تي سخت صدمو گذريو آھي جو تو پڪاريو ۽ ھو تنھنجي فرياد تي نہ پھچي سگھيو.“ پوءِ انھن کي بہ پنھنجي سيني تي کڻي ڪري وني ويا ۽ حضرت علي اڪبر جي ويجھو ليٽائي ڇڏيو. اھڙي طرح ھڪ ٻئي کان پوءِ حضرت عباس ۽ ان جا ٽئي ڀائر ۽ امام جا شھزاده حضرت ابو بکر ۽ سڀ ڀائر ڀائٽيا (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمْ) شھيد ٿي ويا. الله انھن کي پنھنجي وسيع رحمتن جي ڇانوَ ۾ جڳھ عطا فرمائي ۽ اسان کي انھن جون برڪتون نصيب فرمائي.

هاڻي امام مظلوم اڪيلا رهجي ويا، خيمي ۾ تشريف ڪٺي پنهنجي ننڍي صاحبزادي حضرت عبدالله کي (جيڪي عوام ۾ علي اصغر مشهور آهن) هنج ۾ ڪٺي ميدان ۾ آيا، هڪ بد بخت تير هنيو ته هنج ۾ ئي شهيد ٿي ويا، امام ان جو رت زمين تي ڪيرايو ۽ دعا ڪئي: ”الٰهي! جيڪڏهن تو آسماني مدد اسان تي روڪي ڇڏي آهي ته انجام خيريت سان فرماءِ ۽ انهن ظالمن کان بدلو وٺ.“ (الڪامل في التاريخ، ج. 3، ص. 429)

پھول کھل کھل کر بہاریں اپنی سب دکھلا گئے
حسرت ان غنچوں پر ہے جو بے کھلے مرجھا گئے

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِیْنَ

## امام عالي مقام شهيد ٿين ٿا

حسن ۽ عشق جي باهه جي تعلق کان جيڪي واقف آهن،اهي ڄاڻن ٿا ته دوست جي ملاقات جنهن کي چاهڻ وارا پنهنجي جان کان وڌيڪ عزيز رکندا آهن، اها ملاقات بغير مصيبتون ڪٽڻ ۽ پريشانيون برداشت ڪرڻ جي حاصل ناهي ٿيندي.

### رباعي

اے[1] دل بہوس بر سرِ کارے نرسی  تا غم نہ خوری بغم گسارے نرسی
تاسودہ نہ گردی چو منادر تہ سنگ  ہر گز بکفِ پائے نگارے نرسی

دل ۾ چاقو وجهي ٽوڙيو وجي ٿو ۽ جگر ۾ ڇريون هٽي ڇڏي ڏين ٿا ۽ پوءِ تاڪيد ٿئي ٿي ته اُف ڪيئي ته عاشقن جي دفتر کان نالو

[1] اي هوس سان تون ڪامياب نه ٿيندي جيسيتائين تون غم نه ڪرين غم گسار تائين نه پهچندي جيستائين تون مهندي وانگر پٿر هينان پسجين نه ويندي محبوب جي قدمن تائين تنهنجي رسائي نه ٿي سگهندي.

رنگ لاتی ہے حنا پتھر پہ گھس جانے کے بعد

ڪٿيو ويندو. مطلب تہ پھريون ھر طرح سان اطمينان ڪري وٺندا ۽ امتحان فرمائيندا آھن، تڏھن وڃي پڙدي کان ھڪ جھلڪ ڏيکارڻ جي نوبت ايندي آھي.

## رباعي

خوباں[1] دل وجان بینوا میخواہند | زخمے کہ زنند مرحبا میخواہند
این[2] قوم ایں قوم چشم بد دور ایں قوم | خون می ریزند وخون بہا میخواہند

۽ ھي امتحان ڪجھ زماني جي حسينن جو ئي دستور نہ ھو، شروع کان حسن جي دلڪش تجلين ۽ جلون جو معمول آھي جو فرمايو وڃي ٿو.

وَ لَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَیْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَ الْجُوْعِ وَ نَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَ الْاَنْفُسِ وَ الثَّمَرٰتِ[3]

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ضرور اسان اوھان کي آزمائينداسين ڪجھ ڊپ ۽ ڪجھ بک سان ۽ ڪجھ مالن ۽ جانين ۽ ميون جي گھٽ ڪرڻ سان.

جڏھن انھن مصيبتن کي سھيو ويندو آھي ۽ انھن تڪليفن کي برداشت ڪيو ويندو آھي تہ پوءِ چا چئجي؟ ترسيل اکين جي سامھون ان جمال تان پڙدو کنيو ويندو ۽ مدت جي بيقرار دل کي راحت ۽ آرام جو پتلو بڻايو ويندو آھي، انھي ئي بنياد تي تہ ميدانِ ڪربلا ۾ امامِ مظلوم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي وطن کان جڏائي ڪري پرديسي بڻائي ڪري آندو ويو آھي ۽ اڄ صبح سان ساٿين، رفيقن پر ھنج ۾ پليل شھزادن کي ھڪ ھڪ ڪري جدا ڪيو ويو آھي. جگر جا ٽڪڙا رت ۾ پريل اکين جي سامھون پيا آھن، گلن جي باغ جا دلڪش ۽ ترنڊز گل ھڪ ھڪ پن تي ڪري خاڪ جو سينگاربڻجيچڪا آھن ۽ ڪجھ پرواھ ناھي، پرواھ ھجي تہ ڪيئن ھجي؟ جو دوست جي رستي ۾ گھر لُٽائڻ

---

[1] محبوب عاشقن کان اھڙي دل ۽ جان گھرن ٿا جيڪا بي غرض ھجي. زخم لڳائي ڪري انھن کان ئي مرحبا چورائڻ جا طالب ٿين ٿا.

[2] ھي گروھ تمام عجيب آھي خد قتل ڪن ٿا ۽ پوءِ خود ئي خون جو بدلو وٺن ٿا.

[3] سوره البقره، آيت نمبر 155

وارا انھيءَ ڏينھن لاءِ ئي تہ مديني کان ھليا ھئا، تڏھن تہ ھڪ ھڪ کي موڪلي ڪري قربان ڪرائي ڇڏيو ۽ جيڪي پنھنجي پيرن سان وڃي نہ سگھندا ھئا. انھن کي ھٿن تي کڻي پيش ڪري آيا. ڪٿي آھن اُھي ملائڪ جيڪي حضرت انسان جي پيدائش تي چون چران ڪندا ھئا، پنھنجي نمازن جي جڳھن ۽ تسبيح ۽ تقديس جي مصلن تان اُٿي ڪري اڄ ڪربلا جي ميدان جو سير ڪن ۽ اِنِّيْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝ "جي شاندار تفصيل حيرت جي اکين سان ڏسن.

ھن دل ڏڪائڻ واري جنگ ۾ امتحان سيني جو منظور ھو، پر اصل امتحان امام حسين مظلوم جو ۽ ٻين جو طُفيلي، جيڪڏھن ائين نہ ٿئي ھا تہ ممڪن ھوتہ دشمنن جي ھٿان، جيڪي صرف امام جا ئي دشمن، امام جي خون جا پياسا ھئا، پھرين امام کي شھيد ڪرائي ڇڏين ھا، الله اڪبر! ھن وقت ڪھڙي قيامت جو دردناڪ منظر اکين جي سامھون آھي، امام مظلوم پنھنجي گھروارن کان رخصت ٿي رھيا آھن، لاچاري جي حالت، تنھائي جي ڪيفيت، ٽن ڏينھن جا اُڃارا، مقدس جگر تي سوين تير کاڌل، ھزارين دشمنن جي مقابلي تي وڃڻ جو سامان فرمائي رھيا آھن، اھلبيت جون نندڙيون صاحبزاديون، دنيا ۾ جن جي ناز کڻڻ جو آخري فيصلو انھن جي شھادت سان گڏ ٿيڻ وارو آھي، بي چين ٿي ڪري روئي رھيون آھن لاچار سيداڻيون، ھتي جن جو سڪون، جن جي آرام جو خاتمو انھن جي رخصت کي خير آباد چوڻ وارو آھي، سخت بي چيني سان اشڪبار آھن ۽ ڪجھ اھي مقدس صورتون جن کي لاچاري جي ڳالھائيندڙ تصوير چوڻ ھر طريقي سان درست ٿي سگھي ٿو، جن جو سھاڳ خاڪ ۾ ملڻ وارو ۽ جن جو ھر آسرو انھن جي مقدس دم سان ٽٽڻ وارو آھي ۽ روئندي روئندي بي حال ٿي ويون آھن، انھن جي مايوس چھري تي سڪوت ۽ خاموشي سان

[1] فاضل مؤلف جو اشارو تخليق آدم تي ملائڪن تي اعتراض جي جواب ۾ الله تعاليٰ جي ارشاد " مونکي معلوم آھي جيڪو ڪجھ توھان نٿا ڄاڻو" (1/30)جي جانب آھي

مسلسل ۾ لڳاتار وهندڙ لُڙڪن جي رواني صورتِ حال ڏيکاري ڏيکاري عرض ڪري رهي آهي.

مي[1] روي و گريه مي آيد مرا　　ساعتے بنشيں که باراں بگزرد

ان وقت حضرت امام زين العابدين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي دل ڪان ڪير پُڇي ته حضور جي ڪمزور دل اچ ڪهڙا ڪهڙا صدمه ڏنا ۽ هاڻي ڪهڙي مصيبت سهڻ جو سامان ٿي رهيو آهي. بيماري، پرديس، ننڍپڻ جي ساٿين جي جدائي، گڏ ڪيڏندڙن جو وڇوڙو، پيارن پائرن جي داغ دل جو چا حال ڪري رکيو آهي، هاڻي ضِد ۾ نخرا پورا ڪرڻ وارو ۽ ناز کڻڻ واري مهربان پيءُ جو سايو به سرِ مبارڪ کان اُٿڻ وارو آهي، افسوس اهو ته انهن مصيبتن، انهن ناقابلِ برداشت تڪليفن ۾ ڪوئي ڳالهه پڇڻ وارو به نه آهي.

دردِ دل اٹھ اٹھ کے کس کا راستہ تکتا ہے تو
پوچھنے والا مریض بے کسی کا کون ہے

هاڻي امام (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) پارن کي سيني سان لڳائي ڪري، عورتن کي صبر جي تلقين فرمائي ڪري آخري ديدار ڏيکاري تشريف کڻي وڃن ٿا.

از[2] پيش من آں رشک چمن ميگزرد
چوں روح روانيکه ز تن ميگزرد

حال عجيبے روزِ وداعش دارم
من از سر و جاں از من ميگزرد

---

[1] تنهنجي رخصت ٿيڻ تي مون کي روئڻ اچي ٿو ٿوري دير جي لاءِ ويهي وڃ ته مون کي قرار اچي وڃي ۽ منهنجا لڙڪ بيهي وڃن.

[2] اهو رشکِ چمن محبوب منهنجي اکين مان ايئن اوجهل ٿئي ٿو جيئن روح جسم کان جدا ٿيندي آهي.

هاءِ! ان وقت کو اهڙو بہ نہ هو جيکو رڪاب پڪڙي ڪري سوار ڪرائي يا ميدان تائين گڏ وڃي. ها! ڪجھ لاچار ٻارن جون درد ناڪ آواز ۽ بي وس عورتن جون مايوسي ڀريل نگاهون آهن، جيڪي هر قدم تي امام سان گڏ گڏ آهن، امام مظلوم جو قدم اڳتي وڌي ٿو، ”يتيمي“ ٻارن ۽ لاچار عورتن جي قريب ٿيندي ويندي آهي، امام سان تعلق رکندڙ، امام جون پيئرون جن کي هاڻي صبر جي تلقين فرمائي وئي هئي، پنهنجي زخمي جگرن تي صبر جي وزني سِر رکي خاموشيءَ جي عالم ۾ وينيون هيون، پر انهن جي لڙڪن جو ختم نہ ٿيڻ وارو سلسلو، انهن جي لاچاري چانئيل چهرن جو رنگ، پيارن جي شهادت، امام (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي رخصت، پنهنجي لاچاري، سڄي گهر جي تباهي تي زبانِ حال سان چئي رهيو هو.

مجھ کو جنگل میں اکیلا چھوڑ کر
قافلہ سارا روانہ ہو گیا

## تاريخ جو پٽيون حصو ۽ امام تشنہ ڪام جي شهادت

باغ جنت کے ہیں بہر مدح خوانِ اہل بیت
تم کو مژدہ نار کا اے دشمنانِ اہل بیت

کس زباں سے ہو بیاں عز و شانِ اہل بیت
مدح گوئے مصطفٰی ہے مدح خوانِ اہل بیت

ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیاں
آیہ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اہل بیت

مصطفٰی عزت بڑھانے کے لئے تعظیم دیں
ہے بلند اقبال تیرا دودمانِ اہل بیت

ان کے گھر میں بے اجازت جبرئیل آتے نہیں
قدر والے جانتے ہیں قدر و شانِ اہل بیت

مصطفٰی بائع خریدار اس کا اللہ اشترٰی
خوب چاندی کر رہا ہے کاروانِ اہل بیت

رزم کا میداں بنا ہے جلوہ گاہِ حسن و عشق
کربلا میں ہو رہا ہے امتحانِ اہلِ بیت

پھول زخموں کے کھلائے ہیں ہوائے دوست نے
خون سے سینچا گیا ہے گلستانِ اہلِ بیت

حوریں کرتی ہیں عروسانِ شہادت کا سنگار
خوبرو دولھا بنا ہے ہر جوانِ اہلِ بیت

ہو گئی تحقیق عید دیدِ آبِ تیغ سے
اپنے روزے کھولتے ہیں صائمانِ اہلِ بیت

جمعہ کا دن ہے کتابیں زیست کی طے کرکے آج
کھیلتے ہیں جان پر شہزادگانِ اہلِ بیت

اے شبابِ فصلِ گل ! یہ چل گئی کیسی ہوا
کٹ رہا ہے لہلہاتا بوستانِ اہلِ بیت

کس شقی کی ہے حکومت ہائے کیا اندھیر ہے ؟
دن دھاڑے لٹ رہا ہے کاروانِ اہلِ بیت

خشک ہو جا خاک ہو کر خاک میں مل جا فرات
خاک تجھ پر دیکھ تو سوکھی زبانِ اہلِ بیت

خاک پر عباس و عثمان علم بردار ہیں
بے کسی اب کون اٹھائے گا نشانِ اہلِ بیت

تیری قدرت جانور تک آب سے سیراب ہوں
پیاس کی شدت میں تڑپے بے زبانِ اہلِ بیت

قافلہ سالار منزل کو چلے ہیں سونپ کر
وارثِ بے وارثاں کو کاروانِ اہلِ بیت

فاطمہ کے لاڈلے کا آخری دیدار ہے
حشر کا ہنگامہ برپا ہے میانِ اہل بیت

وقتِ رخصت کہہ رہا ہے خاک میں ملتا سہاگ
لو سلامِ آخری بیو گانِ اہل بیت

ابرِ فوجِ دشمناں میں اے فلک یوں ڈوب جائے
فاطمہ کا چاند مہرِ آسمانِ اہل بیت

کس مزے کی لذتیں ہیں آبِ تیغ یار میں
خاک و خون میں لوٹتے ہیں تشنگانِ اہل بیت

باغ جنت چھوڑ کر آئے ہیں محبوبِ خدا
اے زہے قسمت تمہاری کشتگانِ اہل بیت

حوریں بے پردہ نکل آئی ہیں سر کھولے ہوئے
آج کیسا حشر ہے یارب میانِ اہل بیت

کوئی کیوں پوچھے کسی کو کیا غرض اے بے کسی
آج کیسا ہے مریض نیم جانِ اہل بیت

گھر لٹانا جان دینا کوئی تجھ سے سیکھ جائے
جانِ عالم ہو فدا اے خاندانِ اہل بیت

سر شہیدانِ محبت کے ہیں نیزوں پر بلند
اور اونچی کی خدا نے قدر و شانِ اہل بیت

دولت دیدار پائی پاک جانیں بیچ کر
کربلا میں خوب ہی چمکی دوکانِ اہل بیت

زخم کھانے کو تو آبِ تیغ پینے کو دیا
خوب دعوت کی بلا کر دشمنانِ اہل بیت

اپنا سودا بیچ کر بازار سونا کر گئے
کونسی بستی بسائی تاجرانِ اہل بیت

اہل بیت پاک سے گستاخیاں بے باکیاں
لعنۃ اللہ علیکم دشمنانِ اہل بیت

بے ادب گستاخ فرقے کو سنادے اے حسن
یوں کہا کرتے ہیں سنی داستانِ اہل بیت

اي ڪوثر! پنهنجي ٿڌي ۽ خوشگوار پاڻي جي سبيل تيار رک جو ٽن ڏينهن جا اُڃارا تنهنجي ڪناري جلوه فرما ٿيندا .

اي طوبيٰ! پنهنجي ڇانوَ جا دامن اجان وڏا ڪر، ڪربلا جي اُس تي ليٽڻ وارا تنهنجي هيٺان آرام ڪندا.

اڄ ميدانِ ڪربلا ۾ جنتن کان حورون سينگار ڪري، ٿڌي پاڻيءَ جا پيالا کڻي حاضر آهن... آسمان کان ملائڪن جي لڳاتار آمد هوا جي سطح کي بالڪل پري ڇڏيو آهي ۽ پاڪ روحن بهشت جي مڪانن کي سونو ڪري ڇڏيو... خود حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدينہ طيبہ کان پنهنجي لاڏلي پٽ حسين جي قتل واري جاءِ تي تشريف کڻي آيل آهن...... ڏاڙهي مبارڪ ۽ سرِ اطهر جي مبارڪ وارن ۾ ڪجهه دز جا آثار آهن ۽ اکين مان لڳاتار نيروهي رهيا آهن... مبارڪ هٿ ۾ هڪ شيشو آهي، جنهن ۾ شهيدن جو خون جمع ڪيو ويو آهي..... ۽ هاڻي دل جي قرار پياري حسين جي رت پرڻ جو وارو آهي .

بچہ نازرفتہ باشد زجہاں نیاز مندے
کہ بوقتِ جان سپردن بسرش رسیدہ باشی

مطلب تہ اڄ ڪربلا ۾ حسيني ميلو لڳل آهي... حورن کي چئو تہ پنهنجيون خوشبودار چوٽيون کولي ڪربلا جو ميدان صاف ڪن جو توهان جي شهزادِي توهان جي آقاءِ نعمت فاطمہ زهرا (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا) جي لال کي شهيد ڪرڻ ۽ خاڪ تي ليٽائي وڃڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. رضوان کي خبر ڏيو تہ جنتن کي هلڪي هلڪي خوشبوئن سان معطّر ڪري دل کي وڻندڙ سجاوت سان سينگهاري ڪري ڪنوار بڻائي رکي، جو بزمِ شهادت جو گهوٽ وهنڊڙ رت جا موڙ ٻڌي زخمن جا هار ڳلي ۾ پائي عنقريب تشريف ڪٽي اچڻ وارا آهن.

ساعت آہ وبکا بے قراری آگئی      سید مظلوم کی رن میں سواری آگئی
ساتھ والے بھائی بیٹے ہوچکے ہیں سب شہید      اب امام بے کس وتنہا کی باری آگئی

امام جن شمر خبيث کي خيمہ اطهر جي طرف وڌندي ڏسي فرمايو. ”خرابي هجي تنهنجي لاءِ جيڪڏهن دين نٿو رکين ۽ قيامت کان نٿو ڏڄين تہ ڪجهہ شرم تہ ڏار، منهنجي اهلبيت کان پنهنجي جاهل سرڪشن کي روڪ، دشمن اتان کان واپس ٿيا.“ هاٽي چئن طرفن کان امامِ مظلوم، جنهن کي شهادت جي شوق هزارين دشمنن جي مقابلي ۾ اڪيلو ڪري آندو آهي، نرغو ٿيو. امام ساڄي طرف کان حملو فرمائن ٿا تہ پري تائين سوارن ۽ پيادلن جو نشان نٿو ملي، کابي پاسي کان تشريف ڪٽي وڃن ٿا تہ دشمن کي ميدان ڇڏي ڀڄڻو پوي ٿو.

خدا جو قسم! اُها فوج اهڙي طرح انهن جي حملن کان پريشان ٿيندي هئي جيئن ٻڪرين جي ڌڻ تي شينهن اچي ويندو آهي. لڙائي ڊيگهہ ڪئي آهي، دشمن جا حواس ڇڏائجي وياء اوچتو امام جي گهوڙي بہ پهنجي جان ڏني، پوءِ پيدل اهڙي لڙائي فرمايائون جو سوارن کان بہ ممڪن نہ هئي.

تن ڏينهن جا اُجارا هئا هڪ بد بخت فُرات جي طرف اشارو ڪري چيو: ”هو ڏس ڪيئن چمڪي رهي آهي پر تون ان مان هڪ قطرو بہ پي نہ

سگهندين ايستائين جو اُجارو ئي ماريو ويندين.“ فرمايائون: ”الله توکي اُجارو قتل ڪري“ يڪدم اُج ۾مبتلا ٿيو، پاڻي پيئندو هو پر اُج نہ لهندي هئي ايستائين جو اُجارو ئي مري ويو، حملو ڪندا ۽ فرمائيندا: ”ڇا منهنجي قتل لاءِ جمع ٿيا آهيو؟ ها ، خدا جو قسم! مون ڪان پوءِ ڪنهن کي قتل نہ ڪري سگهندؤ، جنهن جو قتل منهنجي قتل ڪان گهٽو خدا جي ناپسندگيءَ جو سبب هجي، خدا جو قسم! مونکي اميد آهي تہ الله تعاليٰ توهان جي ذلت ڪان مونکي عزت بخشي ۽ توهان ڪان اهو بدلو وٺي جيڪو توهان جي خواب ۽ خيال ۾ نہ هجي، خدا جو قسم! توهان مونکي قتل ڪندؤ تہ الله تعاليٰ توهان ۾انتشار وجهندو ۽ توهان جو خون وهائيندو ۽ ان تي راضي نہ ٿيندو ايستائين جو توهان جي لاءِ تڪليف ڏيڻ وارو عذاب آهستہ آهستہ وڌائيندو.“ (الڪامل في التاريخ، ج. 3 ص. 431)

جڏهن شمر خبيث ڪم نڪرندي نہ ڏٺو، تہ لشڪر کي ڌمڪايائين: ”توهان جون مائرون توهان تي روئن ڇا جو انتظار ڪري رهيا آهيو، حسين کي قتل ڪيو.“ هاڻي چئن طرفن ڪان ظلمت جا بادل ۽ ڪارا ڪڪر فاطمہ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جي چنڊ تي ڇائنجي ويا. زرعہ بن شريڪ تميمي کابي ڪُلهي مبارڪ تي تلوار هنئي، امام ٿڪجي ويا آهن....زخمن ڪان پريل آهن. 33 زخم نيزي جا 34 زخم تلوارن جا لڳا آهن.... تيرن جو شمار ناهي.... اُٿڻ چاهن ٿا ۽ هيٺ اچي وڃن ٿا...انهي ئي حالت ۾ سنان بن انس نخعي بد بخت ناري جهنميءَ نيزو هنيو عرش جو تارو زمين تي اچي ويو.... سنان مردود خولي بن يزيد کي چيو: سر ڪٽي ڇڏ. ان جو هٿ ڏڪيو. سنان ولد الشيطان چيو: ”تنهنجو هٿ بيڪار ٿئي“ ۽ گهوڙي تان لهي محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جگر جي پياري، ٿن ڏينهن جي اُجاري کي ذبح ڪيو ۽ سر مبارڪ جدا ڪري ڇڏيو. شهادت جيڪا ڪنوار بڻجي ڳاڙهو جوڙو پائي، جنت جي خوشبوئن ۾ معطّر انهي ئي وقت جي انتظار ۾ هئي، گهونگهٽ (نقاب) لاهي بي اختيار ٿي ٻيڳي ۽ پنهنجي

گھوٽ حسين شھيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي ٻَڪلي ۾ ٻانھون وجھي چنبڙي وئي......

فَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

وَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلٰى اَعْدَائِهٖ وَاَعْدَائِهِمِ الظّٰلِمِيْنَ

ان تي بہ صبر نہ آيو، امام جو لباس مبارڪ لاھي پاڻ ۾ ورھائي ڇڏيائون، عداوت جي باھ اجان بہ نہ ٿڌي ٿي، اهلبيت جي خيمن کي لُٽيو ويو، تمام مال ۽ اسباب ۽ محمد رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صاحبزادين جا زيور لاھي ڇڏيا ويا ، ڪنھن بہ بيبيءَ جي ڪن ۾ ھڪ والي بہ نہ ڇڏيائون.

اللّٰہ واحد قھار جون ھزار ھزار لعنتون انھن بي دينن جي بدبختيءَ تي، زيور تہ ڇا پر اهلبيت جي مٿن تان پوتيون بہ ..... ..، اجان بہ مردودن کي چين نہ مليو، ھڪ شقي ناري جھنميءَ پڪاريو: ”آھي ڪو جيڪو حسين جي جسم کي گھوڙن سان لتاڙي ڇڏي؟“... ڏھ بد بخت گھوڙا ڪُڏائيندي پيڳا ۽ فاطمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا جي ھنج جي پاليل، مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيني تي ڪيڏڻ واري جي جسم مبارڪ کي سمن سان لتاڙيو ويو جو سيني ۽ پٺ مبارڪ جون تمام هڏيون ٽٽي پيون.....

فَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

وَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلٰى اَعْدَائِهٖ وَاَعْدَائِهِمِ الظّٰلِمِيْنَ

(الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 432)

## شھادت کان پوءِ جا واقعات

ڪُٻڙي ڪُتي شِمر خبيث چاھيو تہ امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي بہ شھيد ڪري، حميد بن مسلم چيو:”سبحان اللّٰہ! ٻار بہ قتل ڪيا ويندا؟“ ظالم ڇڏي ڏنو. (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 433)

پوءِ سرِ مبارڪ امامِ مظلوم ۽ مرحوم شهداء ڪي خولي بن يزيد ۽ حميد بن مسلم سان گڏ ابنِ زياد وٽ موڪليو ويو. جڏهن ڪوفي آيا ۽ مڪان بند ڏٺائون. خولي سر مبارڪ کڻي ڪري گهر آيو ۽ پنهنجي عورت نوار کي چيائين: مان تنهنجي لاءِ اها شيء کڻي آيو آهيان جيڪا سڄي عمر توکي غني ڪري ڇڏي.“ ان پڇيو: ”ڇا آهي؟“ چيائين ”حسين جو سر“ انهن چيو: ”خرابي هجي تنهنجي لاءِ، ماڻهو سون چاندي کڻي ايندا آهن ۽ تون رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي پٽ جو سر کڻي آيو آهين. خدا جو قسم! مان تو سان گڏ ڪڏهن بہ نہ رهندس.“ اها بيبي چوي ٿي: ”مون سڄي رات ڏٺو تہ هڪ نورِ عظيم سر مبارڪ کان آسمان تائين بلند آهي ۽ سفيد پکي سرِ اقدس تي قربان ٿي رهيا آهن.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 434)

جڏهن سر مبارڪ ابن زياد خبيث وٽ آندو ويو، ان جي گهر جي در ۽ ديوار مان رت وهڻ لڳو، اهو بدبخت سنهي لڪڻ سان ڏندن مبارڪن کي هٽي ڪري چيائين، مون اهڙو خوبصورت نہ ڏٺو، ڏندَ کهڙا نہ سهڻا آهن.“ زيد بن ارقم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اتي وينا هئا، فرمايائون: ”پنهنجي ڇڙي پري ڪر، مون مُدتن تائين رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن چپن کي چمندي ۽ پيار ڪندي ڏٺو آهي.“ اهو چئي ڪري روئڻ لڳا. اهو خبيث چوڻ لڳو: ”توکي روئڻ نصيب هجي، جيڪڏهن پوڙهو نہ هجين ها تہ ڪنڌ لاهي ڇڏيانِ هان.“ هي اُٿي بينا ۽ ان مردود جي درٻارين کي فرمايائون: ”توهان فاطمہ جي پُٽ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي قتل ڪيو ۽ مرجانہ جي ڄايل کي امير بڻائي ڇڏيو، اڄ کان توهان غلام آهيو، خدا جو قسم! توهان جا دلير ماڻهو قتل ڪيا ويندا ۽ جيڪي بڇندا اهي غلام بڻايا ويندا. پري ٿين اهي جيڪي ذلت ۽ لڄ تي راضي هجن.“ پوءِ فرمايائون ”اي ابنِ زياد! مان توکي اُها حديث ضرور بيان ڪندس جيڪا تو کي ڪاوڙ جي باهہ ۾ وجهي ڇڏيندي، مون حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ ساڄي ران مبارڪ تي حسن کي ويهاريائون ۽ کاٻي ران مبارڪ تي حسين کي ۽ هٿ مبارڪ انهن

جي مٿن تي رکي ڪري دعا فرمايائون: ”الٰهي مان انهن ٻنهي کي تنهنجي ۽ نيڪ مسلمانن جي حوالي ڪيان ٿو.“ اي ابن زياد! ڏس نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امانت سان تو ڇا ڪيو؟“ هوڏانهن ظالمن عابد بيمار جي ڳلي ۾ زنجير هٿن ۾ هٿڪڙيون وجهي ۽ بيبين کي اُٺن تي سوار ڪري ٻن ڏينهن کان بعد ڪربلا کان نڪتا.

سوار گھوڑوں پر اعداء پیادہ شہزادہ الٰہی کیسا زمانے نے انقلاب کیا

جڏهن هي مظلومن جو لُٽيل قافلو شهيدن جي لاشن تي گذريو تہ بغير قبر ۽ ڪفن جي ميدان ۾ پيا هئا. حضرت بي بي زينب (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) بي قابو ٿي عرض ڪرڻ لڳي: ”يارسول الله! حضور تي آسمان جي ملائڪن جا درود هجن، حضور! هي آهن حسين.... ميدان ۾ ليٽيل.. سر کان پير تائين رت ۾ پريل.... تمام بدن جا جوڙ ڪٽيل ۽ حضور جون ڌيئرون قيد ٿيون ۽ حضور جا پيارا مقتول ٿيا آهن جن تي هوا خاڪ ڪٽي ڪري وجهي ٿي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 434)

جڏهن هي مظلوم قافلو، ابن زياد بد نهاد وٽ پهتو، ان عابد مظلوم سان بحث ڪئي، چپ ڪرائيندڙ جواب ٻڌي حيران ٿي ڪري چوڻ لڳو: ”خدا جو قسم! توهان انهن مان ئي آهيو.“ پوءِ هڪ شخص کي چيائين: ”ڏس تہ هي بالغ آهي“ ان تي مري بن معاذ احمري شقيءَ سيد مظلوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي بي ستر ڪري ڏٺو، چيائين: ”ها جوان آهن.“ خبيث چيو: ”انهي کي بہ قتل ڪري ڇڏ.“ حضرت بي بي زينب (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) بي چين ٿي ڪري مظلوم ڀائٽي جي ڳلي سان چنبڙي ويون ۽ فرمايائون: ”ابن زياد بس ڪر! اڃان اسان جي خون مان تنهنجو پيٽ ناهي ڀريو؟ اسان مان تو باقي ڪنهن کي ڇڏيو آهي؟ مان توکي خدا جو واسطو ڏيان ٿي تہ..... جيڪڏهن هن ٻار کي قتل ڪرين تہ ان سان گڏ مونکي بہ ماري ڇڏ.“

عابد مظلوم (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ) فرمايو:”اي ابن زياد! هنن لاچار عورتن جو كير نگهبان رهندو؟ دين ۽ ديانت ۽ رسالت جا حق تہ برباد ٿي ويا، آخر توکي هنن سان ڪجھ تہ قرابت بہ آهي انهي جو ئي خيال ڪندي انهن سان ڪو خداترس ماڻهو گڏ ڪري ڇڏجان، جيڪو اسلامي طريقي سان گڏ انهن کي مديني ڇڏي اچي.“ حضرت زينب (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهَا) جي اها حالت ڏسي ڪري خبيث چيو: ”رت جو رشتو بہ ڪهڙي شي آهي مان يقين ڪيان تو تہ هيءُ بيبي اهو ئي چاهي ٿي تہ ان ڇوڪري کي قتل ڪيان تہ انهي کي قتل ڪري ڇڏيان، خير ڇوڪري کي ڇڏي ڏيو جو هي پنهنجي گهروارن سان گڏ رهي.“ (الكامل في التاريخ، ج. 3، ص. 435)

## ﴿سرِ انور جي ڪرامت﴾

هاڻي هي قافلو ۽ شهيدن جا سَر مبارڪ شام ڏانهن روانہ ڪيا ويا، سر مبارڪ نيزي تي هو، رستي ۾ هڪ ماڻهو قرآن جي تلاوت ڪري رهيو هو جڏهن هن آيت تي پهتو:

اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡڪَهۡفِ وَ الرَّقِیۡمِ ۙ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾

ترجموڪنزالايمان: ڇا توکي خبر آهي غار ۽ جهنگ جي ڪناري وارا اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا.

سرِ مبارڪ فرمايو: ”يَا تَالِيَ الْقُرْاٰنِ اَعْجَبُ مِنْ قِصَّةِ اَصْحَابِ الْكَهْفِ قَتْلِيْ وَ حَمْلِيْ“ اي قرآن پڙهڻ وارا! اصحابِ ڪهف جي قصي کان وڌيڪ عجيب آهي منهنجو قتل ٿيڻ ۽ سر نيزي تي کڻي قرڻ. ظالم جتي جتي رُڪجندا سر مبارڪ کي نيزي تي رکي پهرو ڏيندا. (شرح الصدور، ص. 212)

هڪ راهب نصرانيءَ ڏٺو تہ پڇيائين، ٻڌايو ويو، تہ چيائين: توهان بُرا ماڻهو آهيو، ڇا ڏھ هزار اشرفيون وٺي ڪري ان ڳالھ تي راضي ٿي سگهو ٿا تہ هڪ رات هي سر مبارڪ مون وٽ رهي.“ دنيا جي ڪتن قبول ڪيو. راهب سر مبارڪ وٺي ڏئي، خوشبو لڳايائين، سڄي رات

پنهنجي ران تي رکي ڏسندو رهيو هڪ نور بلند ٿيندي ڏٺو، راهب اها رات روئي ڪري گذاري، صبح اسلام آندائين ۽ گرجا گهر ۽ ان جو مال متاع ڇڏي ڪري اهلبيت جي خدمت ۾ عمر گذاري ڇڏي. صبح انهن خبيثن اشرفين جون ڳوٿريون پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ کوليون، سڀ اشرفيون ٺڪريون ٿي ويون هيون انهن جي هڪڙي طرف لکيل هو:

وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۬

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله کي هرگز بي خبر گمان نہ کر ظالمن جي کم کان.

۽ ٻي طرف لکيل هو:

وَ سَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿۲۲۷﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ اجهو ظالمن کي خبر پوندي تہ کهڙي پاسي تي پلٽو کائيندا.

## ﴿وڌيڪ واقعا﴾

جڏهن امامِ مظلوم(رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ) جو سر مبارڪ ، ان ظالم يزيد پليت وٽ پهتو، بيد سان چوهڻ لڳو، نصراني بادشاهہ روم جو سفير موجود هو، حيران ٿي ڪري چيو تہ "اسان وٽ هڪ جزيري جي گرجا ۾ عيسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي گڏھ جو سنب آهي، اسان هر سال پري پري کان ان جي طرف حج وانگر ويندا ۽ ٻاسون ٻاسيندا آهيون ۽ ان جي اهڙي تعظيم ڪندا آهيون جيئن توهان ڪعبي جي، توهان پنهنجي نبي جي پٽ سان اهو سلوڪ ڪيو، مان گواهي ڏيان ٿو تہ توهان ماڻهو باطل تي آهيو."

هڪ يهوديءَ چيو: "مون ۾ ۽ داؤد عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ ستر پيڙهين جو فاصلو آهي يهودي منهنجي تعظيم ڪندا آهن ۽ توهان پاڻ پنهنجي نبي جي پُٽ کي قتل ڪري ڇڏيو!

پوءِ شام کان هي قافلو مدينہ طيبہ ڏانهن روانو ڪيو ويو، مديني ۾پهچڻ جي تاريخ قيامت جو سامان پاڻ سان گڏ ڪٺي آئي، گهر گهر ۾ غم وارو ماحول هو. در ۽ ديوارن کان دل ڏڪائيندڙ ۽ جگر ۾ زخم وجهڻ واري مصيبت مٿان اچي پوندي هئي.

## ﴿پوءِ جا واقعا﴾

شهادت کان پوءِ آسمان تان رت وسيو. نصره ازديہ چون ٿيون” اسان صبح جو اٿيا سين تہ سيئي ٿانوَ رت سان پريل ڏناسون ... آسمان ايتري قدر ڪارو ٿي ويو جو ڏينهن جو تارا ڏسڻ ۾ آيا... ملڪِ شام ۾ جيڪو پٿر ڪٽڻ پيا ان جي هيٺان تازو رت ڏسن پيا.“

هڪ روايت ۾ آهي ست ڏينهن آسمان اهڙو تہ ڪارو ٿيو جو ديوارون شهاب (گلابي رنگ) جون رڱيل چادرون معلوم ٿيون پئي، تارن ۾ جوش نظر ايندو هڪ تارو ٻئي تاري کان ٽڪرائيندوهو. ابو سعيد فرمائن ٿا: ”سجي دنيا ۾ جيڪو پٿر کڻون انهن جي هيٺان تازو رت ڏسون.... آسمان کان رت وسيو.... ڪپڙا ڦاٽندي ڦاٽي ويا، پر ان جو اثر نہ وڃڻو هو نہ ويو.... خراسان ۽ شام ۽ ڪوفي ۾ گهرن ۽ ديوارن تي رت ئي رت هو.“

علماء فرمائن ٿا ”اها تيز ڳاڙهاڻ جيڪا شفق (ڳاڙهاڻ) سان گڏ ڏٺي ويندي آهي شهادت مبارڪ کان پهرين نہ هئي، ڇهہ مهينن تائين آسمان جا ڪنارا ڳاڙها رهيا پوءِ اها سرخي ظاهر ٿي.“

## ﴿امام حسين جي قتل ۾ شريڪ بد بختن جو عبرتناڪ انجام﴾

ابو الشيخ روايت ڪئي: ”ڪجھ ماڻهو وينا ذڪر ڪري رهيا هئا تہ جنهن امامِ مظلوم (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جي قتل ۾ ڪجھ مدد ڪئي ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت ۾ضرور مبتلا ٿيو.“هڪ پوڙهو پنهنجي ناپاڪ نفس جي لاءِ چوڻ لڳو تہ ”مون ڪي تہ ڪجھ نہ ٿيو.“ ڏيئي جي بتي ڪنيئي، باھ ان بد بخت کي ورتو، باھ باھ دانهون ڪندو فرات ۾ ٽپو ڏنو ، پر اها باھ ئي نہ وسامي، ايستائين جو باھ ۾ وڃي پهتو.

منصور بن عمار روايت ڪئي آهي تہ ”امام جا قاتل اهڙي اُڃ ۾ مبتلا ٿيا جو پوري مَشڪ جو پاڻي پيئندا رهيا پر اُڃ ختم نہ ٿيندي هئي.“

سدمي چون ٿا تہ ”هڪ ماڻهو ڪربلا ۾ منهنجي دعوت ڪئي ماڻهن پاڻ ۾ چيو تہ ”جنهن جنهن امام حسين (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي خون ۾ شرڪت ڪئي خراب موت مئو.“ ميزبان ان ڳالهہ جو انڪار ڪيو ۽ چيائين: ”مان بہ انهي ئي لشڪر ۾ هيس“ رات جي آخري حصي ۾ هو ڏيئو نيڪ ڪرڻ جي لاءِ اُٿيو، اچانڪ باهہ ان جي بدن کي ورتو، خدا جو قسم! مون ڏٺو تہ ان جو بدن ڪوئلو ٿي ويو.“

امام زهري فرمائن ٿا: ”انهن ۾ ڪو ماريو ويو، ڪو انڌو ٿي مري ويو، ڪنهن جو منهن ڪارو ٿي ويو.“

امام واقدي فرمائن ٿا: ”هڪ پوڙهو امام جي شهادت جي وقت موجود هو شريڪ نہ هيو، انڌو ٿي ويو. سبب پڇيو، چيائين ان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي خواب ۾ڏٺو ٻانهون مٿي ڪيل ، هٿن ۾ ڪليل تلورا ڪٽي، سامهون امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ڏهہ قاتل ذبح ٿيل پيا هئا. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان پوڙهي تي جلال فرمايو تہ ”تون اتي موجود ٿي ان ٽولي کي وڌايو؟“ ۽ امام جي خون جي هڪ سرائي اکين ۾ وجهي ڇڏي، اٿيس تہ انڌو هئس.“

سبط ابن الجوزي روايت ڪن ٿا: ”جنهن ماڻهوءَ امام مظلوم جو سر مبارڪ پنهنجي گهوڙي تي لٽڪايو هو، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ان جو مُنهن ڪوئلي کان وڌيڪ ڪارو ٿي ويو. ماڻهن چيو: ”تنهنجو مُنهن تہ سڄي عرب ۾ سنو هو هي ڇا ڳالهہ آهي:؟ چيائين: ”جڏهن کان اهو سر کنيو آهي، هر رات ٻہ ماڻهو ايندا ۽ ٻانهون پڪڙي ڪري ٿهڪندڙ باهہ تي وٺي ڏڪو ڏيندا آهن. سر جهڪندو آهي، باهہ مُنهن تي لڳندي آهي.“ پوءِ وڏي بري حالت ۾ مري ويو.“

هڪ پوڙهي حضور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خواب ۾ ڏٺو ته سامهون هڪ ٿالهہ ۾ رت رکيل آهي ۽ ماڻهو پيش ڪيا وڃن ٿا، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان خون جو ڌبو لڳائن ٿا، جڏهن ان جي واري آئي، ان عرض ڪيو: "مان ته موجود نه هئس." فرمايائون: "دل سان ته چاهين پيو." پوءِ مبارڪ آڱر سان ان جي طرف اشارو ڪيو صبح جو انڌو اٿيو.

حاڪم روايت ڪئي ته حضور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جبريل عرض ڪيو: "اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو:" مون يحيٰ بن زڪريا جي بدلي ۾ ستر هزار قتل ڪيا ۽ حسين جي بدلي ۾ ستر هزار ۽ ستر هزار قتل فرمائيندس." (المستدرک، ج. 3، ص. 485، حديث 4208)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! الله عَزَّوَجَلَّ ابن زياد خبيث کان امام (رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جو بدلو وٺي ڇڏيو. جڏهن اهو مردود ماريو ويو، ان جو سر ان جي ٻين ساٿين جي سرن سان گڏ ڪٽي رکيو ويو. ماڻهن جو هجوم هو، شور ٿي ويو " آيو آيو" راوي چوي ٿو: "مون ڏٺو ته هڪ نانگ اچي رهيو آهي، سيني سرن جي وچ مان ٿيندو ابن زياد جي ناپاڪ سر تائين پهتو، هڪ نڪ جي سوراخ مان گهري ٻي سوراخ مان نڪتو ۽ هليو ويو. پوءِ شور ٿيو آيو آيو، پوءِ اهو ئي نانگ آيو ۽ ائين ئي ڪيائين، گهڻائي ڀيرا ائين ئي ٿيو."

منصور چون ٿا: "مون شام ۾ هڪ ماڻهو کي ڏٺو، ان جو منهن سؤر جو منهن هو، سبب پڇيو، چيائين: "اهو موليٰ علي رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ ان جي پاڪ اولاد تي لعنت ڪندو هو." هڪ رات حضور سيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خواب ۾ ڏٺائين، امامِ حسن مجتبيٰ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان خبيث جي شڪايت ڪئي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان تي لعنت فرمائي ۽ مُنهن تي ٿڪي ڇڏيو، منهن سؤر جهڙو ٿي ويو. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ فقط

## عاشوراء جا فضائل

(شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي مايہ ناز تاليف فيضان سنت جلد اوّل مان نڪتل)

## عاشوراء جون 25 خصوصيتون

(1) 10 محرم الحرام عاشوراء جي ڏينهن حضرت سيّدنا آدم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي توبہ قبول ڪئي وئي. (2) ان ئي ڏينهن انهن کي پيدا ڪيو ويو (3) ان ئي ڏينهن انهن کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو (4) ان ئي ڏينهن عرش (5) ڪرسي (6) آسمان (7) زمين (8) سج (9) چنڊ (10) تارا ۽ (11) جنت پيدا ڪئي وئي (12) ان ئي ڏينهن حضرت سيّدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا (13) ان ئي ڏينهن ان کي باهہ کان نجات ملي.(14) ان ئي ڏينهن حضرت سيدنا موسٰي عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۽ ان جي امت کي نجات ملي ۽ فرعون پنهنجي قوم سان گڏ غرق ٿيو. (15) حضرت سيّدنا عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پيدا ڪيا ويا. (16) ان ئي ڏينهن ان کي آسمانن ڏانهن کنيو ويو. (17) ان ئي ڏينهن حضرت سيّدنا نوح عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي ڪشتي ڪوهِ جودي تي رُڪي. (18) ان ئي ڏينهن حضرت سيّدنا سُليمان عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي ملڪ عظيم عطا ڪيو ويو.(19) ان ئي ڏينهن حضرت سيّدنا يونُس عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍيا ويا. (20) ان ڏينهن حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي بينائي جو ضعف دور ٿيو. (21) ان ئي ڏينهن حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام وڏي کوهہ مان ڪڍيا ويا. (22) ان ئي ڏينهن حضرت سيّدنا ايوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي تڪليف دور ڪئي وئي. (23) آسمان کان زمين تي سڀ کان پهريان بارش ان ئي ڏينهن نازل ٿي ۽ (24) ان ئي ڏينهن جو روزو امتن ۾ مشهور هو، ايتري تائين جو هي بہ چيو ويو تہ ان ڏينهن جو روزو رمضان مبارڪ کان پهريان فرض هو پوءِ منسوخ ڪيو ويو. (مڪاشَفَةُالقلوب، ص 311) (25) امام الهُمام، امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام،

امامِ تشنہ کام سيّدنا امامِ حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي شهزادن ۽ رفيقن سان گڏ ٽي ڏينهن بکايل رکڻ کان پوءِ ان ئي عاشوراء جي ڏينهن کربلا جي رڻ پٽ ۾ نهايت بي رحمي سان شهيد کيو ويو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”يا حسين“ جي ڇهن حرفن جي نسبت سان
## محرم الحرام ۽ عاشوراء جي روزن جا 6 فضائل

مدينہ 1: حضرت سيّدنا ابُو هريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي حضور اکرم، نور مجسّم، رسول محتَشَم، شافِعِ امم، صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا رمضان کان پوءِ محرّم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان پوءِ افضل نماز صلٰوة اللّيل (يعني رات جا نفل) آهن.
(صحيح مسلم ،ص 891 ، حديث 1163)

مدينہ 2: طبيبن جا طبيب، اللّٰه جا حبيب،حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي ”محرّم جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي.“ (طبراني في الصغير،ج 2، ص87، حديث 158)

### يوم موسٰي عَلَيْہِ السَّلَام

مدينہ 3: حضرت سيّدنا عبداللّٰه ابن عبّاس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا جو ارشاد آهي رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن مدينةُ المنوّره ۾ تشريف کڻي آيا، يهودين کي عاشوراء جي ڏينهن روزي دار ڏٺو تہ ارشاد فرمايائون: ”هي ڪهڙو ڏينهن آهي جو توهان روزو رکو ٿا؟“ عرض کيو، هي عظمت وارو ڏينهن آهي، جو هن ۾ موسٰي عَلَيْہِ السَّلَام ۽ ان جي قوم کي اللّٰه تعالٰي نجات ڏني ۽ فرعون ۽ ان جي قوم کي ٻوڙي ڇڏيو. ان جي ڪري موسٰي عَلَيْہِ السَّلَام شڪراني طور ان ڏينهن جو روزو رکيو، تہ اسان بہ روزو رکندا آهيون. ارشاد فرمايائون موسٰي عَلَيْہِ السَّلَام جي موافقت ڪرڻ ۾ توهان جي نسبت اسان گهڻا حقدار ۽ گهڻا ويجها آهيون“ تہ پوءِ سرڪار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ بہ روزورکيو ۽ ان جو حکم بہ ڏنو. (صحيح البخاري، ج1، 656، حديث 2004)

منا منا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو تہ جنهن ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪا خاص نعمت عطا فرمائي، ان کي يادگار بڻائڻ درست ۽ محبوب آهي تہ ان طرح ان نعمت عظمٰي جي ياد تازا ٿيندي ۽ ان جي شڪر ادا ڪرڻ جو سبب بہ ٿيندو خود قرآن عظيم ۾ ارشاد آهي.

وَ ذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهن کي الله جا ڏينهن ياد ڏيار

صدرالافاضل حضرت علاّمہ مولانا سيّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه هن آيت جي تحت فرمائن ٿا اَيّٰمِ الله مان اهي ڏينهن مراد آهن جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي انعام ڪيا جيئن تہ بني اسرائيل جي لاءِ منّ ۽ سلوٰي نازل ڪرڻ جو ڏينهن، حضرت سيّدنا موسٰي عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ دريا ۾ رستو ناهڻ جو ڏينهن، انهن ايّام يعني ڏينهن ۾ سڀ کان وڏي نعمت وارا ڏينهن سيِّدِ عالَم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ۽ معراج جا ڏينهن آهن، انهن جي ياد قائم ڪرڻ بہ هن آيت جي حڪم ۾ داخل آهي. (ملخصا خزائن العرفان،ص409)

## عيد ميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ دعوت اسلامي

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان مسلمانن جي لاءِ سلطان مدينہء منوّره، شهنشاهِ مڪہء مڪرّمہ صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت مبارڪ جي ڏينهن کان وڌيڪ ڪهڙو ڏينهن ”انعام جو ڏينهن“ هوندو؟ سڀئي نعمتون انهي جي ڪري تہ آهن ۽ هي ڏينهن عيد کان بہ بهتر آهي جو انهيءَ جي صدقي ۾ عيد بہ عيد ٿي ان جي ئي ڪري پير(سومر) شريف جي ڏينهن روزي رکڻ جو سبب ارشاد فرمايو ”فيہِ وُلِدتُّ“ يعني ان ڏينهن منهنجي ولادت ٿي. (صحيح مسلم،ص 591،حديث 1162)

اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير تحريڪ، دعوت اسلامي جي طرفان دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ ڪي ئي جڳهن تي هر سال عيد ميلادُ النّبي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاندار طريقي سان ملهائي ويندي آهي.

ربيع النّور شريف جي ٻارهين جي رات عظيم الشان اجتماعِ ميلاد جو انعقاد ٿيندو آهي ۽ خاص طور منهنجي حسنِ ظن جي مطابق ان رات دنيا جو سڀ کان وڏو اجتماعِ ميلاد باب المدينہ ڪراچي ۾ٿيندو آهي عيد جي ڏينهن مرحبا يا مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڌومون مچائيندا بيشمار ميلاد جا جلوس ڪڍيا ويندا آهن، جن ۾ لکين عاشقانِ رسول شريڪ ٿيندا آهن.

## عاشوراء جو روزو

مدينہ 4 حضرت سيّدنا عبد الله ابنِ عبّاس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا مون ٻنهي جهانن جي سُلطان، رحمتِ عالَميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪنهن ڏينهن جي روزي کي ٻئي ڪنهن ڏينهن تي فضيلت ڏئي ارشاد فرمائيندي نہ ڏٺو پر اهو تہ عاشوراء جو ڏينهن ۽ رمضان جو مهينو“.

(صحيح البخاري،ج 1 ص657، حديث 2006 )

## يهودين جي مخالَفت ڪيو

مدينہ5 نبيِّ رحمت، شفيعِ امّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ”يوم عاشوراء جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مُخالَفت ڪيو ان کان پهرين يا بعد ۾ بہ هڪ روزو رکو.

(مسند امام احمد، ج 1،ص518 حديث 2154 )

عاشوراء جو روزو جڏهن بہ رکو تہ ان سان گڏ نائين يا ٻارهين محرّم الحرام جو روزو رکڻ بہ بهتر آهي.

مدينہ6 حضرت سيّدنا ابُو قَتَادَه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ ”مون کي الله تي گمان آهي تہ عاشوراء جو روزو هڪ سال پهريان جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي. (صحيح مسلم، ص590، حديث 1162)

## سڄو سال نہ اکيون اٿڻ نہ بيمار ٿيو

مفسّر شهير حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: محرّم جي نائين ۽ ڏهين جو روزو رکي تہ گهڻو ثواب

ماڻيندو. ٻار ٻچن جي لاءِ ڏهين محرم جو تمام سنا سنا کاڏا پچايو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پورو سال گهر ۾ برڪت رهندي، بهتراهو آهي تہ کچڙو (عام طور تي ان کي حليم چوندا آهن) پچائي حضرت شهيد ڪربلا سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فاتحہ ڏي گهڻو مجرّب (اثر ڪندڙ ۽ آزمايل) آهي ان ئي تاريخ يعني 10 محرّم الحرام تي غسل ڪري تہ سڄو سال اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو تہ ان ڏينهن زم زم جو پاڻي سڀني پاڻين ۾ پهچندو آهي.

(تفسير روح البيان ،ج 4 ص142 ، ڪوئٽه_اسلامي زندگي ،ص93 )

سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو شخص عاشوراء جي ڏينهن اِثمند سرمو اکين ۾ وجهندو تہ ان جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون. (شعب الايمان ، الحديث 3797،ج 3 ص 367 _فيضان سنت ،ص 1347 کان 1354)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پهرين محرّم الحرام تي ”بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ 130 ڀيرا لکي ڪري (يا لکرائي ڪري) جيڪو بہ پاڻ وٽ رکي (يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي، ريگزين يا چمڙي ۾ سلائي ڪري پائي ڇڏي) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پوري عمر اُن کي يا ان جي گهر ۾ ڪنهن کي بہ ڪا برائي نہ پهچي.

(شمس المعارف مترجم،ص 73 _فيضان سنت ص 136)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

